روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | چنچر 31 ڊسمبر 2022ع بمطابق 07 جمادي الثاني 1444هه | شمارو 78 | قيمت 10 روپيا

ڪوئلي جي استعمال سان پاڪستان ۾ توانائي جو انقلاب اچي پيو، ٿر جي ذخيرن مان 200 سالن تائين هڪ لک ميگا واٽ بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي: وڏو وزير

ٿر ۾ ڪوئلي سان بجلي پيدا ڪرڻ جي منصوبي جو افتتاح، توانائي جو انقلاب ايندو: سيد مراد علي شاهه

پ پ جي قومي اسيمبلي ميمبر مهيش ملاڻي ٿرپارڪر ۾ 330 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي منصوبي جو افتتاح ڪيو

بجلي جي پيداوار ذريعي درآمدي ٻارڻ تي گهٽ ڀاڙو پوندو، منصوبي جي افتتاح سان ڪوئلي ذريعي بجلي جي پيداوار تقريبن 3000 ميگا واٽ تي وئي آهي

ٿر جي ڪوئلي جي استعمال سان پاڪستان ۾ توانائي جو انقلاب اچي رهيو آهي، ٿر جي ذخيرن سان 200 سالن تائين هڪ لک ميگا واٽ بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي

ڪورونا سبب منصوبو دير جو شڪار ٿيو، ٿرڪول سان حڪومت کي ٻارڻ جي درآمدن تي 6 بلين ڊالرن جي بچت ٿيندي: وڏي وزير جون ٿرپارڪر ۾ منصوبي جي افتتاح دوران ڳالهيون

ٿرپارڪر / مٺي / اسلام ڪوٽ (نمائندن وٽان) ٿرپارڪر ۾ مقامي ڪوئلي سان 330 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي منصوبي جو افتتاح ڪيو ويو، پ پ جي قومي اسيمبلي ميمبر مهيش ملاڻي ٿرپارڪر ۾ 330 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي منصوبي جو افتتاح ڪيو ان حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته مقامي ڪوئلي سان بجلي جي پيداوار ذريعي درآمدي ٻارڻ تي گهٽ ڀاڙو پوندو، منصوبي جي افتتاح سان ڪوئلي ذريعي بجلي جي پيداوار تقريبن 3000 ميگا واٽ تي وئي آهي. هن چيو ته ٿر جي ڪوئلي جي استعمال سان پاڪستان ۾ توانائي جو انقلاب اچي رهيو آهي. ٿر جي ذخيرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ٿرپارڪر: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. عدالت پاران گم ٿيل ماڻهن کي بازياب نه ڪرائڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي گم ٿيل شهري فضل ربي ۽ علي ٻين کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت گهرو کاتي، آءِ جي پوليس سنڌ، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين واسطيدار ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس، دهشتگردن خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ تي اتفاق

هٿياربند فوج جا سربراهه ۽ وفاقي وزير شريڪ ٿيا، عسڪري اختيارين طرفان ملڪ جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال تي بريفنگ ڏني وئي: ذريعا

ڪميٽي کي قومي ايڪشن پلان جي سڀني نڪتن تي عمل يقيني بڻائڻ، مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ ڪوآرڊينيشن بهتر بڻائڻ لاءِ نيڪٽا جي ڪردار تي بريفنگ ڏني وئي

ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردي جي تازن حملن تي بريفنگ ڏني وئي، انٽيليجنس ادارن جي بريفنگ جي روشني ۾ قومي سلامتي ڪميٽي اهم فيصلن جي منظوري ڏيندي

اجلاس ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته ڏکيائين سان حاصل ڪيل امن کي خراب ڪرڻ نه ڏينداسين

دهشتگردي خلاف ڀرپور عزم ۽ ثابت قدمي سان اڳتي وڌندا رهنداسين، ملڪي سلامتي چئلينج ڪندڙن کي لڪڻ جي جاءِ نه ملندي: وزيراعظم شهباز شريف

قوم جون دعائون پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهن، پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ امن بحال ڪرايو ويندو، قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ اهم فيصلن بابت پڌرائي جاري ڪئي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي سلامتي ڪميٽي اجلاس ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ تي اتفاق ٿيو آهي. قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وزيراعظم هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ هٿياربند فوج جا سربراهه ۽ وفاقي وزير شريڪ ٿيا. عسڪري اختيارين طرفان ملڪ جي مجموعي سيڪيورٽي صورتحال تي بريفنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

معاشي بحران نه ٽريو، حڪومت جا سعودي ۽ چين سان رابطا، ڊيفالٽ جو خطرو ناهي: عائشا غوث

پاڪستان پرڏيهي ادائيگين جي ذميواري پوري ڪندو ۽ اسان معاهدن جي پاسداري ڪنداسين، تنهن ڪري ملڪ جو ڏيوالو نڪرڻ جو ڪو به امڪان ناهي

ڊيفالٽ جي خطري بابت ڳڻتي جي ڪا ڳالهه ناهي، اسان وٽ ڀيا به ذخيرا موجود آهن، اسان ادائيگين لاءِ پنهنجي واعدن کي پورو ڪنداسين

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ کي معاشي بحران مان ڪڍڻ لاءِ حڪومت جون چين ۽ سعودي عرب کان 6 ارب ڊالر قرض وٺڻ لاءِ ڳالهيون جاري آهن، ناڻي بابت مملڪتي وزير عائشا غوث پاشا ملڪ ڊيفالٽ ٿيڻ جو خدشو رد ڪندي چيو آهي ته پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ جي جيلن بابت سوشل ميڊيا تي افواهون پکيڙيون پيون وڃن: فهد هارون

افغان ٻارن جي تصوير وائرل ڪري سنڌ جي جيلن تي تنقيد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي

سوشل ميڊيا تي ڀيرين چيو ويو ته هي تصوير لانڍي جيل جي آهي، جڏهن اسان چيڪ ڪيو ته اها تصوير لانڍي جيل جي نه هئي

اها تصوير سنڌ جي ڪنهن به جيل جي ناهي، هن چيو ته سنڌ ۾ 129 انڊر ٽرائل افغان عورتون ۽ 138 ٻار جيل ۾ موجود آهن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ، مڪيش ڪمار چاولا، وزيراعليٰ سنڌ جي جيلن بابت صلاحڪار اعجاز جکراڻي ۽ ميڊيا افيئرز بابت خاص مددگار فهد هارون چيو آهي ته سنڌ جي جيلن بابت سوشل ميڊيا تي افواهون پکيڙيون پيون وڃن ۽ افغان ٻارن جي تصوير وائرل ڪري سنڌ جي جيلن تي تنقيد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي. هنن سختي سان ترديد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ ۾ غيرقانوني طور آيل 297 افغاني جيلن ۾ آهن: شرجيل ميمڻ

ٻارن جي قيد واري ڳالهه هن کاري واري وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ جيلن بابت وڏي وزير جي مشير اعجاز جکراڻي سان گڏيل پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌائي

صوبي ۾ 129 افغان مهاجر عورتون جيلن ۾ آهن، جن سان گڏ 178 ٻار آهن، نابالغ ٻار گرفتار نه ڪيا ويا آهن، قانون مطابق ستن سالن کان گهٽ عمر جو ٻار پنهنجي ماءُ سان گڏ جيل ۾ رهي سگهي ٿو

جيلن ۾ قيد افغان عورتون غير قانوني طور سنڌ ۾ ترسيل هيون، غير قانوني طور ملڪ ۾ ترسيل افغانين سميت سمورن پرڏيهي کي ڊي پورٽ ڪرڻ لاءِ ڪريڪ ڊائون جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ ٻڌايو آهي ته غير قانوني طور آيل 297 افغان مهاجر عورتون ۽ ٻار سنڌ جي جيلن ۾ قيد آهن. اها ڳالهه هن کاري واري وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ جيلن بابت وڏي وزير جي مشير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

واٽر بورڊ انتظاميا محدود وسيلن جي باوجود پنهنجي ملازمن لاءِ هڪ اهم قدم کنڊي: انجنيئر سيد صلاح الدين

انتظاميا پاران پنهنجي ملازمن لاءِ بهترين قدم کڻندي واٽر بورڊ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حاضر سروس ملازمن کي وقت کان اڳ پگهارون ۽ ريٽائرڊ ملازمن کي پينشن جاري ڪري ڇڏي

واٽر بورڊ ملازمن کي سمورين سهولتون فراهم ڪيون وينديون، واٽر بورڊ اسان سڀني جو ادارو آهي ۽ ان جي بهتري لاءِ اسان سڀني کي ڏينهن رات محنت ڪرڻي پوندي

اداري ۾ سڌارا ۽ بهتري ملازمن جي تعاون کانسواءِ ممڪن ناهي، سمورا آفيسر ۽ ملازم بهتر نموني پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندي اداري جو نالو اجاگر ۽ روشن ڪندا

ڪراچي (رانا وقاص) واٽر بورڊ انتظاميا محدود وسيلن جي باوجود پنهنجي ملازمن لاءِ هڪ اهم قدم کڻندي ۽ سندن شاندار خدمتن کي تسليم ڪندي پهرين تاريخ تي پگهارون ۽ پينشن ادا ڪندڙ ادارو بڻجي ويو. تفصيل موجب ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ انتظاميا پاران پنهنجي ملازمن لاءِ بهترين قدم کڻندي واٽر بورڊ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو حاضر سروس ملازمن کي وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پرڏيهي وزير جي اهم معاملي تي وزيراعظم سان ملاقات

ملاقات ۾ واپار واري وزير نويد قمر ۽ مملڪتي وزير حنا رباني کر به موجود هئي

پرڏيهي وزير طرفان وزيراعظم کي پنهنجي تازي آمريڪا دوري بابت به آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف سان پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ملاقات ڪئي آهي. ملاقات ۾ واپار واري وزير نويد قمر ۽ مملڪتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ ۾ دهشتگردن خلاف ڀرپور ڪارروائي جو فيصلو

اسلام آباد (م ڊ) قومي سلامتي ڪميٽي (اين ايس سي) جمعي تي چيو آهي ته "دهشت گرد پاڪستان جا دشمن آهن" رياست جي رٽ کي چيلينج ڪندڙن کي "پوري طاقت سان" جواب ڏنو ويندو. وزيراعظم آفيس (PMO) پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ چيو ويو آهي ته هي فورم پرڏيهي پاليسي ۽ قومي سلامتي بابت اهم فيصلا ڪرڻ وارو ادارو آهي. اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ناروي جي سفير ملاقات ڪندي

مودي جي امڙ 99 ورهين جي ڄمار ۾ فوت، آخري رسمون ادا

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي ماءُ هيرابين جمعي جي صبح 99 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. هندستان ٽائمز موجب مودي ۽ سندس ڀائرن پنهنجي ماءُ جون آخري رسمون گجرات رياست جي گاڌي واري هنڌ گانڌي نگر ۾ ادا ڪيون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مودي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: اطلاعات وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

نئين سال جو تحفو، ايل پي جي سستي

ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 136 رپيا 86 پئسا سستو ڪيو ويو آهي: نوٽيفڪيشن جاري

پهرين جنوري کان ايل پي جي جو 11.8 ڪلو گرام جو گهريلو سلينڊر 2411 رپين 29 پئسن جو هوندو

اسلام آباد (م ڊ) اوگرا عوام کي نئين سال جو تحفو ڏيندي ايل پي جي سستي ڪري ڇڏي، آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ايل پي جي جو گهريلو سلينڊر 136 رپيا 86 پئسا سستو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

شيڊول مطابق 31 ڊسمبر تي مقامي چونڊ ڪرائڻ جو حڪم

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مقامي چونڊون ملتوي ڪرڻ خلاف علي نواز اعوان ۽ جماعت اسلامي جي درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ارباب محمد طاهر فيصلو ٻڌائيندي اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو

اسلام آباد جي آبادي وڌي وئي آهي اڳ ۾ نئين سري سان تڪبنديون ڪريو پوءِ اليڪشن ڪرايو، ان ڏس ۾ 2 ڏينهن اڳ قانونسازي به ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گاڏي واري شهر جي هاءِ ڪورٽ، اليڪشن ڪميشن کي 31 ڊسمبر تي مقامي چونڊون شيڊول موجب ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مقامي چونڊون ملتوي ڪرڻ خلاف علي نواز اعوان ۽ جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ٻوڏ متاثرن ۾ سنڌ حڪومت 80 ارب روپيا خرچ ڪري چڪي آهي: ڪامران ٽيسوري

وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه تمام گهڻي محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان جي ٽيم به تمام سٺو ڪم ڪري رهي آهي

اسان عوامي نمائندا آهيون ۽ عوام جي خدمت ڪندا رهنداسين جتي به ڪا ڪوتاهي نظر اچي ٿي ته اتي ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

سول ادارن جو اهي پنهنجي حد ۾ رهي ڪري ڪم ڪن ٿا، هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ ٻوڏ متاثرن جي هر ممڪن مدد ڪئي پئي وڃي

سيوهڻ (رپورٽر) گورنر سنڌ محمد ڪامران ٽسوري چيو آهي ته ٻوڏ متاثرن ۾ سنڌ حڪومت 80 ارب روپيا خرچ ڪري چڪي آهي ۽ وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه تمام گهڻي محنت ۽ لڳن سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ان جي ٽيم به تمام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

جو بائيڊن 1700 ارب ڊالر جي امدادي بل تي صحيح ڪري ڇڏي

بائيڊن، جيڪو آمريڪي ورجن ٻيٽن ۾ سينٽ ڪرڪس تي آهي، خميس تي بل تي دستخط ڪيو

وائيٽ هائوس جي مطابق اسٽاف باقاعده طور تي مقرر ڪيل ڪمرشل اڏام ذريعي دستخط لاءِ صدر کي بل موڪليو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڊن 1700 ارب ڊالر جي امدادي بل تي صحيح ڪري ڇڏي، سرڪاري فنڊنگ جي هن رقم مان صرف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

روشنين جي شهر ڪراچي ۾ اسٽيبلشمينٽ سڀ غنڊا گڏ ڪري ايم ڪيو ايم ٺاهي: فواد چوڌري

ڪراچي ۾ ڏهاڪن تائين رت جي راند کيڏي وئي، ڏکيائين سان جان ڇٽي هئي، هاڻ وري خيال اچي رهيو آهي ته تحريڪ انصاف کي روڪڻو آهي

پوءِ خيال اچي رهيو آهي ته بارود جو ڍير گڏ ڪري شهر ۾ چراغ ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، اليڪشن ڪميشن عملي طور تي وفاقي حڪومت ۾ ضم ٿي چڪي آهي

پاڪستان ۾ هڪ پلاننگ تحت جمهوريت مڪمل ختم ڪئي پئي وڃي، بنيادي حق معطل ڪيا ويا، هاڻ ادارا ختم ڪيا پيا وڃن: اڳوڻو وفاقي وزير

جهلم (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته جي شهر ڪراچي ۾ سڀ غنڊا گڏ ڪري ايم ڪيو ايم ٺاهي وئي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري چيو ته ڪراچي روشنين جو شهر هو، پوءِ اسٽيبلشمينٽ کي خيال آيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪرپشن جي الزام هيٺ آنگ سان سوچي کي وڌيڪ ست سالن جي سزا

برما (م ڊ) ميانمار جي رهنما آنگ سان سوچي کي ڪرپشن جي الزام هيٺ وڌيڪ 7 سالن جي سزا ٻڌائي وئي آهي. پرڏيهي رپورٽ موجب آنگ سان سوچي کي ڪرپشن جي پنجن ڪيسن ۾ سزا ٻڌائي وئي آهي. رپورٽ موجب آنگ سان سوچي کي مختلف ڪيسن ۾ گذريل سال ڊسمبر کان هيل تائين 26 سالن جي سزا ٻڌائي وئي آهي.

سيوهڻ: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري پريس ڪانفرنس ڪندي

لاهور انتظاميا جو ماني جي اگهن ۾ واڌ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار

نان بائي ايسوسيئشن نان ۽ روٽي جي اگهه ۾ واڌ لاءِ درخواست ڏني هئي

تندور مالڪ نان جو اگهه 35 رپيا ۽ روٽي جو اگهه 25 رپيا رکڻ چاهين ٿا

لاهور (م ڊ) ضلعي انتظاميا نان جي اگهن ۾ واڌ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ذريعن موجب نان بائي ايسوسيئشن نان ۽ روٽي جي اگهه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس يوسف سعيد ۽ جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي ٻڌل ٻڌڻي تي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس يوسف سعيد ۽ جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ بلدياتي چونڊن کان اڳ آفيسرن جي مقررين ۽ بدلين خلاف درخواست جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت 4 جنوري تائين ملتوي ڪري چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ مقامي کاتي جي سيڪريٽري کي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪري ورتي آهي. سنڌ حڪومت بدلين ۽ مقررين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جهلم: تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

هاءِ ڪورٽ جو اڄ مقامي چونڊون ڪرائڻ جو حڪم: اليڪشن ڪميشن جو هنگامي اجلاس طلب

عدالتي فيصلي کانپوءِ اليڪشن ڪميشن هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو، جنهن ۾ عدالتي فيصلي جو جائزو ورتو ويندو: ذريعا

اليڪشن ڪميشن تيارين جو جائزو وٺندو ته سياڻي عدالتي حڪم تحت چونڊون ٿي سگهن ٿيون يا ناممڪن آهن

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ طرفان اسلام آباد ۾ مقامي چونڊون سياڻي ڪرائڻ واري حڪم کانپوءِ اليڪشن ڪميشن هنگامي اجلاس طلب ڪري ورتو آهي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ سياڻي 31 ڊسمبر تي شيڊول موجب مقامي چونڊ ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي ذريعن موجب عدالتي فيصلي کانپوءِ اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ملڪ ۾ سون جو اگهه تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو

1500 رپيا واڌ کانپوءِ في تولي سون جي قيمت هڪ لک 84 هزار 100 رپيا ٿي وئي

10 گرام سون 1286 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ هڪ لک 57 هزار 836 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جو اگهه تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئشن موجب 1500 رپيا واڌ کانپوءِ في تولي سون جي قيمت هڪ لک 84 هزار 100 رپيا ٿي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس آفتاب احمد ڳورڙ جي عدالت زمينن تي قبضي واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

انڊسٽريل ايرياز ۾ زمينن تي ڪهڙو ڌنڌو ٿي رهيو آهي؟ پئسا هڪ کان ٿا وٺو ۽ قبضو وري ٻين کي ٿا ڏئي ڇڏيو: جسٽس آفتاب احمد ڳورڙ جا رمارڪس

سرڪاري ايراضي تي قبضا ڪري هوٽلون قائم ڪيون ويون، ذميوار پوليس آفيسر بيان ڏيڻ بعد گهر وڃي سمهي پون ٿا، هاڻي انهن خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ٿيندي

سکر جي زمينن تي قبضو مافيا ڏسي آيو آهيان، سرڪاري زمينن تي قبضو ڪري هوٽلون ٺاهيون آهن، جڏهن سيڪريٽري کي ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس آفتاب احمد ڳورڙ جي عدالت نوري آباد سائيٽ ۾ زمينن تي قبضي واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چوڻ هو ته الله کي جواب ڏيڻو آهي، پئسا هڪڙن کان ٿا وٺو پلاٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سال 2022 جي آخري ڪاروباري ڏينهن به ڊالر مهانگو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ سال 2022 جي آخري ڪاروباري ڏينهن هڪ ڊالر به پئسا مهانگو ٿي 226 رپيا 43 پئسا تي بند ٿيو

هلندڙ سال ڊالر جي قيمت ۾ 47 رپيا 92 پئسا واڌ ٿي، گذريل سال جي پڄاڻي تي هڪ ڊالر 178 رپيا 51 پئسا جو هو

2022 ۾ ڊالر جي بلند ترين سطح 28 جولاءِ تي 239 رپيا 94 پئسا ۽ گهٽ ترين سطح 2 فيبروري تي 174 رپيا 47 پئسا رهي

ڪراچي (م ڊ) سال 2022 جي آخري ڪاروباري ڏينهن به آمريڪي ڊالر مهانگو ٿيڻ جو سلسلو جاري رهيو انٽربئنڪ ۾ سال 2022 جي آخري ڪاروباري ڏينهن هڪ ڊالر به پئسا مهانگو ٿي 226 رپيا 43 پئسا تي بند ٿيو هلندڙ سال ڊالر جي قيمت ۾ 47 رپيا 92 پئسا واڌ ٿي. گذريل سال جي پڄاڻي تي هڪ ڊالر 178 رپيا 51 پئسا جو هو. 2022 ۾ ڊالر جي بلند ترين سطح 28 جولاءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پشاور: اڳوڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر عائشا گلالائي پريس ڪانفرنس ڪندي

عمران خان منهنجي پيءُ جي اسپتال تي پنهنجي ڪائونسلرن ذريعي حملو ڪرايو: عائشه گلالائي

حملو ڪندڙ اسپتال مان اسان جو ڪروڙين رپين جو سامان کڻي ويا، ڊي پي او به سهڪار کان انڪار ڪري ڇڏيو

خيبرپختونخواهه حقيقت ۾ سريلنڪا بڻجي چڪو آهي، صوبي کي ڪير قرض به ناهي ڏيندو: اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر

پشاور (م ڊ) اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر عائشا گلالائي تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان تي سنگين الزام هڻي ڇڏيو پشاور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ جي جنرل ڪائونسل جو اهم اجلاس ٿي گذريو

جيڪڏهن عمران خان جي حڪومت جو خاتمو نه ڪيو وڃي ها ته اڄ پاڪستان تباهه ٿي وڃي ها: جي يو آءِ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري

حڪومت سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ۽ عوام جي زندگين جو تحفظ ڪيو ويو آهي: علامه راشد محمود سومرو

سنڌ حڪومت کي اڪيون کولڻ گهرجن، سنڌ جي زمينن جي خريد و فروخت بند ڪري، غير قانوني هٿيارن، منشيات جي خريد فروخت بند ڪئي وڃي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ جي جنرل ڪائونسل جو اهم اجلاس. سنڌ جي زمينن جي غير قانوني وڪرو، جديد هٿيارن، منشيات، آئس نشي جي روڪٿام تي زور، امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ، ايندڙ چونڊن جي تياري، برسات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سول اسپتال ڪراچي ۾ ٻارن جي سرجري اوٽي ڪمپليڪس جا خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي: عذرا پيچوهو

سول اسپتال ڪراچي کان علاوه پڻ ٻارن جي سرجري اوٽي ڪمپليڪس ٺاهڻ جي منصوبو غور هيٺ آهي جنهن لاءِ جڳهه جي ضرورت آهي

ڊائو جا اڳوڻا شاگرد پنهنجي مادر علمي جي قدر ڪندا آهن ۽ ان کي ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڏيندا آهن، ڊائو ڪلاس 96 اوٽي ڪمپليڪس ٺاهي ڏنو

صحت کاتو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي مختلف مختلف دورن ۾ اڳوڻن شاگردن پاران عطيو ڪيل يونٽن جون سمورين ضرورتون پوريون ڪندو ته جيئن اهي يونٽ بهتر نموني سان هلندا رهن

ڪراچي (رپورٽر) صحت کاتي واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو آهي ته سول اسپتال ڪراچي ۾ نئين قائم ٿيڻ واري ٻارن جي سرجري اوٽي ڪمپليڪس جا خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي جڏهن ته سول اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آمريڪي شهر نيواورلينز فائرنگ جي 9 واقعن سبب "مردر ڪيپيٽل" قرار

نيويارڪ (م ڊ) آمريڪي رياست لوزيانا جي شهر نيواورلينز ۾ هڪ ڏينهن دوران فائرنگ جي واقعن ۾ 3 ماڻهو قتل ڪيا ويا. شهر جي قتلِ عام ۽ جرم ۾ رڪارڊ اضافي سبب شهرين پاران نيولينز شهر کي "مردر ڪيپيٽل" قرار ڏئي ڇڏيو هڪ ڏينهن دوران فائرنگ جي 9 واقعن ۾ 3 ماڻهو قتل ڪيا ويا. شهر ۾ قتل ۽ غارت جي واقعن سبب 1990 جو پراڻو رڪارڊ ٽٽي نئون رڪارڊ ٺهي ويو.

ڪراچي: صحت کاتي واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پريس ڪانفرنس ڪندي

ڳٽپ کاتي ملڪ ۾ اٽي جي اگهه بابت انگن اکر جاري ڪري ڇڏيا

ملڪ ۾ في ڪلو اٽي جي قيمت 130 رپين تائين پهچي وئي آهي: ڳٽپ کاتي جي رپورٽ

ڪراچي ۽ حيدرآباد جا شهري سڀ کان مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن: ذريعا

اسلام آباد (م ڊ) ڳٽپ کاتي ملڪ ۾ اٽي جي اگهه بابت انگن اکر جاري ڪري ڇڏيا. ڳٽپ کاتي جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ ۾ في ڪلو اٽي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

گريزپا موسمن کي خوشبوءِ جي مهورت

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ليکڪ ۽ صحافي سينيئر عرفان صديقي جي شاعري جي ڪتاب "گريزپا موسمن کي خوشبوءِ" جي رونمائي جي موقعي تي مقررن سندس شاعري جي ڪم کي ساراهيو ۽ ان کي هڪ ماهر ۽ تجربيڪار شاعر جو ڪم قرار ڏنو آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي احمد شاهه بلڊنگ ۾ حسينه معين هال ۾ تقريب جي صدارت سينيئر صحافي محمود شام ڪئي. ان موقعي تي سينيئر صحافي محمود شام، ناميارا اديب ۽ شاعر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سکر: جي يو آءِ اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ سونهري واسي نابينن جو واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اکين جي نور کان ونجهايل نابين غلام سرور سولنگي نديم سولنگي احتجاج ڪيو

فاڪاڪشي ڪٽڻ ڪري پنهنجي خير وٺي ٻچڙن جو پيٽ پالڻ تي مجبور آهيون: مظاهرين

گهر نهرائي ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ٻچڙن سميت مرڻ گهڙي تائين احتجاج ڪيو ويندو: مطالبو

ٺاروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ سونهري واسي نابينن جو واهر نه ٿيڻ ۽ ايم 6 ميگا ڪرپشن اسڪينڊل جا مک جابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج مدد جي اپيل، اکين جي نور کان ونجهايل نابين غلام سرور سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺاروشاهه: واسي نابينن جي واهر نه ٿيڻ خلاف احتجاج ٻارڙا احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳوٺ نصيرآباد نيو تعلقه سکر
جي سادات امام بارگاهه مشين ۾
مجلس عزا

سکر (رپورٽر) ڳوٺ نصيرآباد نيو تعلقه سکر جي سادات امام بارگاهه مشين ۾ انجمن حسيني نصيرآباد سکر جي قديمي سالانا مجالس عزا شهادت بي بي فاطمه زهره السلام عليه جي مناسبت سان مجلس عزا ٿي گذري. جيڪا زوار متولي سيد مظفر حسين شاهه سيد اظهر حسين شاهه سيد اطهر حسين شاهه طرفان منعقد ڪئي وئي. جلهن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو پرسان ڳوٺ سياڳو پنهور ۾ 11 هزار تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب نينگر زخمي

ڪرنٽ لڳڻ سبب 10 سالا نينگر سڙي زخمي نينگر آصف پٽ خادم زخمي ٿي پيو

ڳوٺ وٽان 11 هزار تارون تمام هيٺ هجڻ سبب نينگر کي ڪرنٽ لڳو آهي: رهواسي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ سياڳو پنهور ۾ 11 هزار تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 10 سالا نينگر سڙي زخمي نينگر آصف پٽ خادم پنهور کي ڳنڀير حالت ۾ سول اسپتال دادو آندو ويو جتي نينگر جي حالت ڳنڀير هجڻ ۽ اسپتال ۾ برن وارڊ نه هجڻ سبب نينگر کي حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو ڳوٺ وٽان 11 هزار تارون تمام هيٺ هجڻ سبب نينگر کي ڪرنٽ لڳو

جيئي سنڌ محاذ ٽنڊو محمد خان پاران باثر زميندار خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس چڙهائي ڪرڻ ۽ زمين تي قبضي خلاف پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو

زاهد جسڪاڻي ، ايوب ڪوريجو شاهنواز گورياڻي جسقم اڳواڻ جاويد هاليپوٽو پاران ريلي

بچا برادري جي عورتن ۽ ٻارن تي سخت تشدد ڪري گهرن جي لوڙهن کي باهه ڏني وئي: الزام

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ جي يو آءِ سنڌ جي جنرل
ڪائونسل جو اهم اجلاس، زمين
غيرقانوني ڪرڻ جي مذمت

سکر (رپورٽر) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو محمد خان: جيئي سنڌ محاذ پاران باثر زميندار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول ۾ رائيس مل جو پورهيت بدين واسي پورهيت مبينا طور اغوا، احتجاجي مظاهرو

رائيس مل ۾ ڪم ڪندڙ بدين واسي پورهيت خير محمد خاصخيلي مبينا اغوا ٿي ويو آهي

پورهيت خير محمد خاصخيلي جي بازيابي لاءِ خاصخيلي راجوڻي اتحاد بدين طرفان مظاهرو

باثر جوابدار ملوث آهن ۽ ڪوڙي شاهدي نه ڏيڻ تي پورهيت کي قتل به ڪري سگهن ٿا: وارث

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) سجاول ۾ رائيس مل جو پورهيت بدين واسي پورهيت مبينا طور اغوا وارثن جو احتجاج ڪارخانيدار خلاف اغوا جو الزام. تفصيل موجب سجاول جي رائيس مل ۾ ڪم ڪندڙ بدين واسي پورهيت خير محمد خاصخيلي مبينا طور اغوا ٿي ويو آهي ان ڏس ۾ مبينا طور اغوا ٿي ويل پورهيت خير محمد خاصخيلي جي بازيابي لاءِ خاصخيلي راجوڻي اتحاد بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ جي حڪومت آهي: رياض چانڊيو

اڄ ڏينهن تائين ڪٽي به ڪم نه ڪيو ويو آهي اڃان تائين شهر ۽ ڳوٺن ۾ پاڻي بيٺل آهي

حڪومت آبادگارن کي پاڻ ۽ ٻج ڏيڻ جو اعلان ڪيو اڃان تائين عمل نه ٿي سگهيو آهي

خورشيد شاهه جي سربراهي ۾ وڏيڪ صوبا ٺاهڻ جو بل پاس ڪرڻ لاءِ ڪميٽي ٺاهي آهي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) سنڌ جي تباهي جي ذميوار پ پ جي حڪومت آهي سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرين کي گهر ٺاهي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو ان تي اڄ ڏينهن تائين ڪٽي به ڪم نه ڪيو ويو آهي اڃان تائين شهر ۽ ڳوٺن ۾ پاڻي بيٺل آهي اهڙو اظهار/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽون ڪوٽ: اظهار جئي سنڌ محاذ جي چيئرمن رياض چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي

قاضي احمد جي رهائشي علائقي
خان صاحب ڪالوني جي گهر تي
پوليس چڙهائي

قاضي احمد (رپورٽر) قاضي احمد جي رهائشي علائقي خان صاحب ڪالوني جي گهر تي پوليس جي چڙهائي دوران گهر ڌڻي کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش حراسمنٽ ۽ خوف سبب مبينا طور دل جو دورو پوڻ جي نتيجي ۾ 40 ورهين جو علي حسن ولد غلام شبير اٽو دم ڏئي چڏيو اهڙي واقعي بعد فوتي جي وارثن برڪت اٽو ۽ اٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڏهرڪي ۾ اٽي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي، ساجاهه وندن پاران احتجاج

انتظاميا کي فوري طور تي اٽي جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ سختي سان حڪم

سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪا به حڪمت عملي نه جوڙي وئي آهي

دڪاندارن جي ڪرپشن سبب عوام اٽي جي بحران جو شڪار آهي: ساجاهه وند

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ۾ اٽي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي. سنڌ حڪومت ضلعي ۽ مقامي انتظاميا کي فوري طور تي اٽي جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ سختي سان حڪم جاري ڪري، ڏهرڪي ۾ اٽي جو سنگين بحران پيدا ٿي ويو آهي، مقامي ۽ ضلعي انتظاميه خاموش تماشائي وارو ڪردار ادا ڪري رهي آهي عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪا به /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٿرجو ڪوئلو توانائي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿي رهيو آهي: مهيش ڪمار

شارٽ فال پورو ڪرڻ لاءِ 2600 ميگاواٽ بجلي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهي

ٿرجي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ محترمه بينظير ڀٽو جو خواب هو جنهن کي پورو ڪيون پيا

منصوبي ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪمپنين جي مالڪن کي پابند ڪيو ويو آهي

ٿرپارڪر (رپورٽ: صادق بجير). ملڪي وزير اعظم جي مملڪتي وزير ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو آهي ته ٿرجو ڪوئلو پاڪستان جي توانائي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿي رهيو آهي. جيڪو پاڪ چين ڪوريڊور دوستي جو بهترين مثال آهي. هو اڄ ٿر نوا ڪول فائرڊ پاور پروجيڪٽ جو افتتاح ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائي رهيو هو. هن وڌيڪ چيو ته ٿر ڪول پاور شارٽ فال پورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٿرپارڪر: مهيش ڪمار پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه مهينا اڳ امن
امان جي صورتحال ڪجهه خراب
هئي: ايس ايس پي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊاڪٽر محمد عمران خان لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪجهه مهينا اڳ امن امان جي صورتحال ڪجهه خراب هئي ان جا ڪهڙا به ڪارڻ هجن پر مسئلو هو هن چيو ته لاڙڪاڻو ضلعو سنڌ حڪومت ۽ سنڌ پوليس لاءِ اهم ضلعو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گورنر سنڌ لعل شهباز قلندر جي مزار تي گلن جي حاضري، دعا گهري وئي

حڪومت بحالي لاءِ 80 ارب روپين کان وڌيڪ امداد تقسيم ڪري چڪي آهي: ڪامران ٽيسوري

ايگزيڪيوٽو ڪو به مسئلو ناهي هر ڪو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ پنهنجا اختيار استعمال ڪري رهيو آهي

عوام جي ڀلائي لاءِ ٽيڪنو ڪريٽ حڪومت هجي يا جمهوري حڪومت هر حال ۾ عوام جي خدمت ٿيڻ گهرجي

سيوهڻ (رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سيوهڻ پهچي ڏکڻ ايشيا جي عظيم صوفي بزرگ حضرت سيد حافظ محمد عثمان مروندي المعروف سخي لعل شهباز قلندر جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي حاضري ڀري ۽ ملڪي خوشحالي ۽ قومي ٻڌي جي لاءِ دعا گهري ان موقعي تي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت هن سهل تائين برسات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پوري سنڌ جيان دادو ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو

ڪامورن دادو جي مسڪين ماروئڙن کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو

ڪوٽا هجڻ باوجود غريب مسڪين ماروئڙن کي سرڪاري اگهه تي اٽو فراهم نه ٿيو

دادو (ن سنڌيار) پوري سنڌ جيان دادو ۾ اٽي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو. منافع خور سرگرم. اٽو 120 روپيه ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳو جڏهن ته ڪامورن دادو جي مسڪين ماروئڙن کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو. منافع خورن خلاف ڪاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پريس ڪلب ٽنڊوباگو جي ميمبرن جو اجلاس پريس ڪلب جي هال ۾ ٿي گذريو

2023ع لاءِ متفق طور تي صدر محمد سليم ميمڻ ۽ ٻيا چونڊيا ويا آهن: عملدار

خزانچي انور علي عباسي، آڊيٽر رفاقت جروار، سوشل سيڪريٽري بلاول پٺاڻ چونڊيا ويا

ٽنڊوباگو (رپورٽر) پريس ڪلب ٽنڊوباگو جي سيني ميمبرن جو اجلاس پريس ڪلب جي هال ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سال 2023ع لاءِ متفق طور تي صدر محمد سليم ميمڻ، نائب صدر نصرالله جروار، جنرل سيڪريٽري، محمد يوسف ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊوباگو: پريس ڪلب جا ميمبر اجلاس بعد پريس ڪلب ٻاهران ڪڍيل گروپ فوٽو

بدين جي سبزي منڊي توڙي شهر جي مختلف روڊن تي پارڪنگ ٽيڪس وصول

گاڏين کان ميونسپل ڪميٽي بدين جي نالي تي پارڪنگ ٽيڪس وصول ڪيو وڃي ٿو

بدين ۾ شروع کان اڄ تائين وهيڪل ٽيڪس توڙي پارڪنگ ٽيڪس ختم نه ٿي سگهيو

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پارڪنگ ٽيڪس نالي وصولي، روزانو هزارين روپيا اوڳاڙي ٿيڻ بعد ميونسپل جي اڪائونٽ ۾ پيسا جمع نه ٿيا . سبزي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي نادرن باءِ پاس گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾ گرم ڪمبل اٽو تقسيم

ٻوڏ متاثر 150 بيواهه عورت ۾ گرم ڪمبل اٽو ۽ 500 ٻارڙن کي ڪتاب ڏنا ويا

اڳواڻن گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾ پهچي ٻوڏ متاثر 150 عورتن ۾ گرم ڪپڙا راشن ۽ اٽو ورهايو

ڪراچي (رپورٽر) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گلشن معمار جي صحافي کي نمبرن تان جان کان مارڻ جون ڌمڪيون

گلشن معمار ٿاڻي تي نامعلوم شرپسند ڪال ڪندڙ خلاف درخواست ڏيڻي چڙهي

ڌمڪين خلاف لفظن ۾ مذمت، ڪندي ڌمڪيون ڏيندڙ ملزمن کي ظاهر ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) [illegible] 0311776719 [illegible] مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون ان چيو ته مون ملئنڊڙ ڌمڪين خلاف حد جي گلشن معمار ٿاڻي تي درخواست ڏيڻي چڏيو آهي، ان چيو ته صحافين کي هيسائڻ خاطر ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون، ليڪن اسان ڊڄڻ وارا ناهيون، قلم ذريعي پنهنجي قلم جي آواز کي ڪٺهن ڪون روڪيندا، ان چيو ته گلشن معمار پوليس انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهارو ۾ واپارين پنهنجا من پسند اگهه مقرر ڪري ڇڏيا

اٽو ۽ عام واهپي جون شيون غريب ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويون

ڇڏيا اٽو 130 روپيا ڪلو گيهه 500 ڪلو آئل 500 ليٽر دال 300 ڪلو ٿي ويون

گهارو (رپورٽر) گهارو ۾ واپارين پنهنجا من پسند اگهه مقرر ڪري ڇڏيا اٽو ۽ عام واهپي جون شيون غريب ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر مارڪيٽ ڪميٽي توڙي ڊسٽرڪٽ مئنيجمينٽ اٿارٽي اگهور ننڊ ۾ تفصيل موجب قدرتي آفتن کانپوءِ واپارين به/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪڪڙ ۽ آس پاس ۾ بدامني، 4 موٽر سائيڪل سميت چورين جون الڳ الڳ وارداتون

4موٽر سائيڪلن سميت هڪ ئي رات ۾ چورين جون الڳ الڳ 4وارداتون ٿيون آهن

حاڪم بروهي غلام حسين گل محمد بروهي جون گهر ٻاهران بيٺل 3موٽر سائيڪلون چوري

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ ۽ آس پاس ۾ بدامني هڪ ئي رات ۾ 4 موٽر سائيڪل سميت چورين جون الڳ الڳ 4 وارداتون پوليس ڪک پچي بيٺو ن ڪيو ڪڪڙ ٿاڻي جي حد 4موٽر سائيڪلن سميت هڪ ئي رات ۾ چورين جون الڳ الڳ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو: مسلم ليگ ن جا عهديدار احتجاج ڪري رهيا آهن

خانواهڻ شهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

جسقم جي سڏ تي ڪارڪن ٽنيا بقا شاهه کان پنج ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪيو ويو

خانواهڻ شهر ۽ پرپاسي جي علائقي ۾ ڦورن ۽ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

خانواهڻ (رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ شهر ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف اڄ ٻئي ڏينهن پڻ جسقم جي سڏ تي ڪارڪن ٽنيا بقا شاهه کان پنج ڪلوميٽر پيادل ريلي ڪڍي جيڪا خانواهڻ پهتي، خانواهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پرياروڊ ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي، حيات عباس نجفي ۽ ٻين پاران خطاب

حضرت بيبي فاطمه زهره سلام الله عليه جي شهادت واري ڏينهن جي مناسبت سان مجسل

عزا ڪئي علامه مولوي حيات عباس نجفي، مولوي عرفان علي عرفاني ٻين علماء خطاب ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياروڊ ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي انجمن دعاءِ زهره جي صدر فوجي بخش علي هيسباڻي ۽ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر خادم حسين منگي جي طرفان پرياروڊ ۾ دختر رسول زوجه حضرت امام علي المرتضيٰ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز لنڪ روڊ ڦل تي واقع درگاهه درويش عبدالرشيد ڪاڪيپوٽو تي قبضو

علائقي جي ماڻهن اي سي نوشهرو فيروز کي لکت ۾ درخواست ڪري نشاندهي ڪئي

پوليس ڪاروائي ڪري هلندڙ ڪم بند ڪرائي ڇڏيو، رپورٽ اي سي کي پڻ ڏني وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ضلع نوشهرو فيروز لنڪ روڊ ڦل تي واقع مشهور درگاهه درويش عبدالرشيد ڪاڪيپوٽو معافي فقير تي باثر ماڻهن جو قبضو ڪري قبرن کي مسمار ڪري انڪروچمينٽ ڪرڻ تي علائقي جي ماڻهن اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهرو فيروز: درگاهه درويش عبدالرشيد ڪاڪيپوٽو تي قبضي خلاف احتجاج

ڪشمور ۾ ڪٽڪ اٽي جي سرڪاري اگهه تي فراهمي نه ٿيڻ تي احتجاجي مظاهرو

فلور ملز انتظاميه ۽ فوڊ عملدارن خلاف ايس ٽي پي ڪارڪنن احتجاجي مظاهرو ڪيو

فوڊ انسپيڪٽرز ۽ فلور ملز مالڪن ملي ڀڳت ڪري اٽي جو هٽراڙو بحران پيدا ڪيو آهي

وزير ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ته 65 روپيا في ڪلو جي حساب سان اٽو وڪامي رهيو آهي

ڪشمور (رپورٽ: اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ ڪٽڪ اٽي جي سرڪاري اگهه تي فراهمي نه ٿيڻ تي فلور ملز انتظاميه ۽ فوڊ عملدارن خلاف ايس ٽي پي ڪارڪنن پريس ڪلب ڪشمور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ايس ٽي پي ڪارڪنن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڪشمور: ڪٽڪ اٽي جي سرڪاري اگهه تي فراهمي نه ٿيڻ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌي ادبي سنگت شاخ نوشهرو فيروز جي
چونڊ ضلعي رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگڙ
جي نگراني ۾ ٿي

نوشهرو فيروز (ڊ-ر) جنهن ۾ سيڪريٽري قاضي ذوالفقار، ڪائونسلر امجد ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري ساگر يوسف منگي، خزانچي اسد وسطڙو، آڊيٽر عبيد الله تگڙ چونڊيا ويا جڏهن ته ڪاروباري ڪاميٽي تي خادم حسين مري، خادم سيال، علي نواز سولنگي، ممتاز سولنگي ۽ سهيل منگي کي ڪنيو ويو.

سنڌ حڪومت جي هدايتن تحت ضلعي انتظاميه سجاول پاران اٽي جي فراهمي شروع

مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سرڪاري اگهه تي سستي اٽي جي فراهمي شروع ڪئي وئي

عوام کي 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 650 رپين ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي: ڊپٽي ڪمشنر امتياز علي

سجاول (ڊ-ر) سنڌ حڪومت جي هدايتن تحت ضلعي انتظاميه سجاول پاران ٻدر ٽالپر، ٻيلو، سجاول شهر سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سرڪاري اگهه تي سستي اٽي جي فراهمي شروع ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ ڊپٽي ڪمشنر امتياز علي ابڙو جو چوڻ آهي ته عوام کي 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 650 رپين ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي ته جيئن مهانگائي جي هن دور ۾ عوام کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل پاران ادبي بورڊ جي انتظاميا سان ملاقات

سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاق ڦل ڪيترن ئي مسئلن تي ڪليل دل سان ڳالهه ٻولهه ڪئي

ٽرانسليشن بيورو قائم ڪري سنڌي مان ٻين ٻولين ۽ ٻين ٻولين جو ادب سنڌي ۾ ترجمو ٿي سگهي

سنڌ سنگت جوڙيل ڪلچرل ڪميٽي جي اڳواڻ يوسف سنڌي ۽ آغا ظفر ادبي بورڊ جا شعبا پڻ گهمي ڏٺا

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر شهر ۾ سٽي گئس جي اڻ اعلانيل
لوڊشيڊنگ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ
فراهمي بند

سکر (رپورٽر) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز: سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل ادبي بورڊ جي انتظاميا سان ملاقات ڪندي

سڪرنڊ ۾ وطن ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران صحافي قاضي جاويد سنائي کي ڀيٽا پيش

پريس ڪلب ۾ رهاڻ رچائي ڪيس مجتا ايوارڊ ڏنو ويو جنهن ۾ سياسي ، سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

تحريڪ انصاف جي گل محمد رند ، اڳوڻي ناظم علي اصغر رند ، پ پ جي علي نواز چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

اڄ ڪيس ايوارڊ ملڻ ، رهاڻ رچائڻ يا 2023 قاضيءَ جي نانءُ ڪرڻ سندس حق آهي: محمد صديق منگيو ۽ ٻين جو خطاب

سڪرنڊ (رپورٽر) وطن ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران سنڌي ميڊيا جي ناماياري ڪالمنگار ليکڪ ۽ سينئر صحافي قاضي جاويد سنائي سان (سال 2023 قاضيءَ جي نانءُ) جي ٽالي سان سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ رهاڻ رچائي ڪيس مجتا ايوارڊ ڏنو ويو جنهن ۾ سياسي ، سماجي ، علمي ، ادبي ۽ صحافتي شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف جي گل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پاڪ افغان بارڊر تي دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل جوان جي نماز جنازه ادا

شهيد ٿيل فوجي جوان حافظ عبدالرحمان جوڻيجو جي نماز جنازا سلطانپور ۾ ادا ڪئي وئي

نثار منگي ڊويزنل اڳواڻ سيد شفقت شاهه، ڊي ايس پي عبدالرشيد جوڻيجو ۽ ٻين پاران شرڪت

پياري ملڪ مٿان سر به قربان آهي الله پاڪ وطن جي دشمنن کي نيست نابود ڪندو: محمد ياسين

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) سلطانپور جي ڳوٺ خاصو واسي پاڪ افغان بارڊر تي دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيل فوجي جوان حافظ عبدالرحمان جوڻيجو جي نماز جنازا سلطانپور ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ پاڪ فوج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سلطانپور: پاڪ افغان بارڊر تي شهيد ٿيل جوان جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي

روهڙي لڳ ڳوٺ صوفن جي
پورهيت پاران باثر خلاف
احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽر) روهڙي لڳ ڳوٺ صوفن جو پورهيت منير برڙو پاران زرعي زمين تي قبضو ڪندڙ پنهنجي برادري باثر ماڻهن جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي فورن سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي اپيل ڪئي ان موقعي تي پورهيت منير برڙو ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته ٽيرنهن سال اڳ منهنجي والد مکڻ خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مسلم ليگ ن دادو جي عهديدارن پاران آيل سامان ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

پارٽي جي عهديدارن اڳواڻن جاويد قمبراڻي، محمد علي سولنگي، بابر ٿهيم احتجاج ڪيو

پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ضلعي صدر خلاف سخت نعري بازي ڪري ڌرڻو هنيو

سامان دوڪانن تي وڪرو ڪيو ويو جيستائين ڪرپٽ ضلعي صدر الطاف عباسي کي نه هٽايو ويندو

دادو (ن سنڌيار) مسلم ن ليگ دادو جي عهديدارن پاران ٻوڏ متاثرن جي لاءِ مليل سامان ضلعي صدر پاران دوڪانن تي وڪرو ۽ پارٽي ڪارڪنن عهديدارن کي نظرانداز ڪرڻ تي مسلم ليگ ن ضلعي دادو صدر الطاف عباسي خلاف پارٽي جي عهديدارن اڳواڻن جو دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڌرڻو ريلي ان موقعي تي مظاهرين ڪارڪنن جاويد قمبراڻي، غلام نبي اعوان . نظير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ساس ٻچل مهر پاران عظيم شاعر شيخ اياز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب

ضلعي رابطا سيڪريٽري سبحان سوز جتوئي، شاخ نوشهرو فيروز جي ڪائونسلر جي شرڪت

شيخ اياز هن صدي جو مهان قوي هو، جنهن جو وڏو ڪارنامو ڀٽائي جو رسالو اردو ۾ ترجمو ڪرڻ آهي

عوام ۾ مقبوليت ماڻي آهي سنڌ جو هيءُ مها قوي شاعر اڄ به عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (ڊ-ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻچل مهر پاران سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب س ا س جي ضلع رابطا سيڪريٽري ايم ظفر تگڙ جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ اڳوڻي ضلعي رابطا سيڪريٽري سبحان سوز جتوئي، شاخ نوشهرو فيروز جي ڪائونسلر امجد ميمڻ مهمان طور شرڪت ڪئي. مقررن چيو ته شيخ اياز هن صدي جو مهان قوي هو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرو فيروز: شيخ اياز کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد

ايمرجنسي ۾ روزانو 500 کان
وڌيڪ ٻارن جي او پي ڊي
ٿيندي: اي سي شاهده پروين

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي اسسٽنٽ ڪمشنر شاهده پروين شيخ زيد چلڊرين اسپتال ۾ پيڊس ايمرجنسي ۽ ٿئليسيميا سينٽر جو دورو ڪيو جتي ڊائريڪٽر چائلڊ لائيف فائونڊيشن لاڙڪاڻو عبدالله چانڊيو ڪيس بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٻارن جي ايمرجنسي ۾ روزانو 500 کان وڌيڪ ٻارن جي او پي ڊي ٿيندي، سياري ۾ ساهه جي بيمارين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين پريس ڪلب جي چونڊن ۾ پروگريسو جرنلسٽ گروپ طرفان بائيڪاٽ

چونڊن ۾ شوڪت ميمڻ ۽ مرتضيٰ ميمڻ جي پروگريسو جرنلسٽ گروپ وچ ۾ مقابلو ٿيڻو هو

8 سرڪاري ملازم صحافين ۽ غير صحافين جا نالا ووٽر لسٽ مان خارج ڪرڻ جي درخواست تي عمل نه ٿيو

نالا ووٽر لسٽ مان خارج ڪرڻ جي درخواست اليڪشن ڪميٽي طرفان وصول نه ڪرڻ تي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پريس ڪلب جي سالياني چونڊن ۾ پروگريسو جرنلسٽ گروپ طرفان چونڊن جو بائيڪاٽ ڪانپوءِ شوڪت ميمڻ گروپ بنا مقابلي ڪامياب تفصيل موجب بدين پريس ڪلب جي سالياني چونڊ چيئرمين اليڪشن ڪميٽي عمران عباس خواجا جي نگراني ۾ جمع جي ڏينهن ٿي گذري جنهن ۾ شوڪت ميمڻ ۽ مرتضيٰ ميمڻ جي پروگريسو جرنلسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

چنڇر 31 ڊسمبر 2022ع

ٽيڪنوڪريٽ حڪومت ۽ ڊيفالٽ جون ڳالهيون

ملڪ جنهن صورتحال ۾ ڦاسي چڪو آهي اهڙي صورتحال شايد ئي ملڪي تاريخ ۾ ڪڏهن پيدا ٿي هجي. هڪ پاسي اڳوڻا حڪمران اها ڳالهه ڪري رهيا آهن ته ملڪ ڊيفالٽ طرف وڌي رهيو آهي ۽ حالتون سريلنڪا جهڙيون ٿيڻ وڃن پيون ته ٻئي طرف هاڻوڪو ناڻي وارو وزير بار بار اها دعويٰ ڪري رهيو آهي ته ملڪ ڪڏهن به ڪنهن به صورت ۾ ڊيفالٽ نه ڪندو.جڏهن ته انهي صورتحال ۾ وري ٽيڪنوڪريٽ حڪومت قائم ٿيڻ جون ڳالهيون به گردش ۾ آهن.انهن ۾ ڪيتري حقيقت ۽ ڪيتري سچائي آهي اها ته الڳ ڳالهه آهي پر اهڙين ڳالهين جو هر حال ۾ ملڪي معيشت تي اثر پوڻ اٽل آهي جنهن سان رهندو معيشت جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي. چاڪاڻ ته جڏهن غير يقيني ۽ سياسي عدم استحڪام جي صورتحال هجي اتي اهڙيون ڳالهيون انهي غيريقيني کي وڌيڪ هٿي ڏين ٿيون جنهن سان ٻاهرين سيڙپ جا دروازا بند ٿي سگهن ٿا ته وري دوست ملڪن مان مدد جو آسرو ختم ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ ته ڪير به سياسي عدم استحڪام دوران اڳتي اچي اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيندو تنهن ڪري جيڪڏهن هن ملڪ کي هن حالت مان ڪڍڻو آهي ته ان جو واحد رستو اهو سياسي استحڪام يا سياسي تسلسل آهي جيڪو پيدا ڪرڻو پوندو.

ناڻي واري وزير جي پريس ڪانفرنس کي ٻڌي ايئن لڳي رهيو آهي ته ڪي سياسي ڌريون پنهنجي مخصوص مفادن لاءِ هٽ سان اهڙيون ڳالهيون ڇڏي رهيون آهن ته جيئن اهو تاثر قائم ٿئي ته ملڪ ڊيفالٽ طرف وڃي رهيو آهي. ناڻي واري وزير جي ڳالهين مان ته اهو به تاثر ملي ٿو اهي سياسي ڌريون پنهنجي سياسي مخالفت سبب ملڪ جي مستقبل سان کيڏڻ کان به نه ٿيون مڙن. ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته سستي سياست لاءِ ملڪ کي نقصان پهچايو پيو وڃي. پاڪستان ڀنور ۾ ڦاٿل آهي، جنهن مان ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا پيا. هن چيو ته ٽن مهينن کان مون ناڻي وزير طور ذميواري سنڀالي آهي، روز ٻڌون ٿا ته پاڪستان ڊفالٽ ڪري ويندو. آئون چوان ٿو ته پاڪستان جي ڊفالٽ ڪرڻ جو ڪو امڪان ناهي. پاڪستان ڪيئن ڊفالٽ ٿيندو؟ ها مشڪل صورتحال ضرور آهي، جنهن کي اسان ڪنٽرول ڪنداسين. اسان جو مسئلو اهو آهي ته اسان پنهنجن ننڍن سياسي مقصدن لاءِ ملڪ کي نقصان پهچائي رهيا آهيون. ڪنهن به اسرنڊڙ ملڪ ۾ اهو نظر نه ٿو اچي جو اتان جا ماڻهو هر وقت اهو راڳ آلاپين ته مشڪل ۾ آهيون يا ڊفالٽ ڪرڻ وارا آهيون. اها اسان جي بدقسمتي آهي.اسان پنهنجا دشمن پاڻ آهيون.هوڏانهن مخالف ڌر جي وڏي پارٽي جو سربراهه وري اهڙيون حالتون هوندي به حڪومت سان ڪنهن به قسم جي ميثاق معيشت تي ڳالهين لاءِ تيار ناهي جڏهن ته هو اهو به خدشو ظاهر ڪري رهيو آهي ته ٽيڪنوڪريٽ حڪومت آڻڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن جنهن جي نه رڳو مخالفت پر مزاحمت به ڪنداسين.

اسان سمجهون ٿا ته حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ڳالهين مان ئي لڳي ٿو ته معاشي حالتون انتهائي خراب آهن جن جي سڌارو ٻنهي ڌرين جي گڏ ويهڻ کانسواءِ ممڪن ناهي جڏهن ته بدقسمتي سان مخالف ڌر ڪنهن به ريت حڪومت سان معيشت جي مسئلي تي گڏ ويهڻ لاءِ تيار ناهي ته حڪومت وري انهي سڄي صورتحال جو ذميوار به انهي مخالف ڌر کي سمجهي ٿي جيڪا چاڻي واڻي اهڙيون ڳالهيون پکيڙي غير يقيني واري صورتحال کي هٿي ڏئي ٿي.اهڙي صورتحال جو نقصان ملڪ ۽ عوام جو ٿي رهيو آهي.مهانگائي عوام کان جيئڻ جا رستا بند ڪري رهي آهي ته خراب معاشي صورتحال سبب ملڪ جو ڪاروهنوار به مفلوج لڳو پيو آهي جنهن ڪري ئي ڪجهه ڌرين کي ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جهڙا شوشا ڇڏڻ جو موقعو ملي ٿو اهو سڀ ڪجهه سياسي عدم استحڪام سبب ٿي رهيو آهي تنهن ڪري حڪومت ۽ مخالف ڌر کي گهرجي ته ميثاق معيشت لاءِ گڏجي ويهن ته جيئن غيريقيني جي صورتحال ختم ٿئي. ملڪ جي ڊيفالٽ ٿيڻ جي افواهن ۽ ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جي شوشن آڏو بند ٻڌي سگهجي.

ملڪ ۾ آسمان تي چڙهيل مهانگائي ۽ بدحال عوام

ميرحسن رند

هن مها مهانگائي جهڙي هلندڙ دور اندر سڄي ملڪ جي عوام کي پريشان ڪيو آهي. هڪ پاسي سال 2022 ۾ مسلسل شديد تيز برساتن سبب غريب مسڪين توڙي پورهيت طبقي سان وابسطہ عوام جو وڏو تعداد پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويو هو، ته ٻي طرف وڏي ايراضي تي پوکيل هزارين ايڪڙن تي مشتمل فصل پڻ برساتي ٻوڏ هجڻ ڪري تباهه ۽ برباد ٿي ويو، جنهن سبب هر عام ماڻهون ٻکن ۽ بيمارين کي انتهائي وڏي مشڪل سان منهن ڏئي رهيو آهي. هزارين ڪچا گهر ڍهي پٽ تي ويا ٻي پاسي وڏي تعداد ۾ چوپايو مال به مري ويو، جنهن سبب غريب عام ماڻهوءَ کي به سخت کان سخت مالي نقصان پهتو انهن سڀني قدرتي آفتي مسئلن کي ڀوڳيندڙ عام ماڻهو تائين نه راشن پهتو ۽ نه ئي وري انهن کي ڪٿي رهڻ لاءِ ڪو تنبو ملي سگهيو، جنهن جي ڪري اڄ به سڄي سنڌ جيان تعلقي ٽنڊو غلام حيدر ۾ سوين رهائش پذير مسڪين هاري ناري مزدور پورهيت اڄ به هن قهر جهڙي سردي ۾ کلي آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن جڏهن ته تعلقي اندر برسات متاثرن لاءِ آيل ڪروڙين روپين جو سمورو سرڪاري امدادي سامان هتان جي چونڊيل نمائيندن ۽ سرڪاري ڪامورن پاران پنهنجن من پسند ماڻهن کي ڏنو ويو. ائين ڪٿي سمجهون ته اهو سڀ ڪجهه هن ڊرامائي سياست جي ئي ورچڙهي ويو، هڪ ته عوام لاءِ آيل امدادي سامان رات جي پيٽ ۾ هزارين من پسند ماڻهن کي پهچايو ويو، پيو ته انهن وري پنهنجي من پسند ماڻهن تائين پهچائڻ جو سلسلو جاري رکيو اهڙي سياسي چال چلت هجڻ ڪري عام ماڻهو خالي دلاسن سبب هڪ ٻئي جو منهن تڪيندو ۽ ڏسندو رهجي ويو. انهن سمورن مٿي ذڪر ڪيل مسئلن کي عام ماڻهو ڀرپور نموني منهن ڏيئي چڪو آهي ۽ اڃا به ڏيندو اچي، هاڻي جڏهن جنهن اهم مسئلي کي تعلقي جو هر عام ماڻهو منهن ڏئي رهيو آهي، اها آهي زندگي گذارڻ لاءِ جياپي جي جنگ. هڪ طرف ته ويتر مهانگائي هجڻ ڪري عام ماڻهو وٽ ايترو پئسو به نه بچي سگهيو آهي، جو هو ٻن ٽن ويلن جو گذر سفر سئولي ۽ سني طريقي سان ڪري سگهي، جيتوڻيڪ هاڻي ته روزگار جا وسيلا به گهٽجي ويا آهن. ڏهاڙي وارو مزدور توڙي هاري سخت پريشان ٻٽيل نظر اچي رهيو آهي. هن هيڏي وڏي وڌندڙ ڳاٽي توڙ مها مهانگائيءَ جي دور ۾ جتي رڳو اٽو خريد ڪرڻ غريب ماڻهو جي پهچ کان مٿي هجي، سبزين ڀاڄين کان ويندي دال چانور، گيهه، سميت روزاني جي استعمال توڙي ڪاڌي جي شين جو اگهه چوٽ چڙهيل هجڻ ڪري هر عام ماڻهوءَ ۾ اهي شيون هاڻي خريد ڪرڻ جي قوت سگهه طاقت نه رهي آهي، ٻئي طرف حڪومتي انتظامي ڍانچي جو هن طرف ڪو خاص يا چڱي نموني توجه نه هجي ته پوءِ آخر هنن دردن جي دانهن آخرڪار ڪنهن کي ڏجي؟ هتي عام دڪاندار کان وٺي ريڙهي واري تائين هرڪو پنهنجي مرضيءَ جا اگهه وصول ڪندو هجي، عام ماڻهو ههڙي ڳنڀير مشڪل وقتي ماحول ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت جيءَ سگهندو؟ ان ڳالهه جو جواب ته حڪومت وارا ئي بهتر نموني ڏيئي سگهن ٿا. اسان جهڙا صرف رڳو سوچي ئي سگهن ٿا. هڪ طرف ڪاروباري طبقو موجن ۾ آهي، ٻيڻ کان ٽيڻ تي ڪمائي رهيو آهي. ٻي طرف برسات جي ٿيل تباهيءَ جو وڏو نقصان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کي ٿيو آهي، جو ٻهراڙيءَ جو اڪثر ماڻهو زراعت پيشہ آهي، جنهنجو سنئون سڌو واسطو زراعت سان آهي، زراعت وڏي پئماني تي تباهه ٿي چڪي آهي، زراعت جي ان تباهي ننڍي آبادگار کي به پيرن تي بيهڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي، ڊيزل جي مهانگائي سبب ٽريڪٽر جي ڪيڙي في ايڪڙ 2800 سئو کان 3000 هزار روپيا تي چڪي آهي، ان کان سواءِ هائيبرڊ ٻج ۽ پاڻ مهانگو آهي، زرعي دوائون ۽ ٽيوب ويل جو خرچ گهٽو هئڻ ڪري ننڍو آبادگار طبقو مجبور لاچار ۽ بيوس تي صفا ويهي چڪو آهي، ٻهراڙيءَ ۾ اٽو 130 کان 140 روپيا ڪلو تائين وڪامي رهيو آهي، ان سان گڏوگڏ گيهه، داليون، چانورن جا اگهه به چوٽ چڙهيل آهن، کير ۽ ڏهي 200 روپيا لڳ ڀڳ تائين وڪامن پيا. حڪومت جي طرفان طئي شده قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ وارو ڪاتو خبر ناهي ڪٿي گم ۽ ڪهڙي اگهور ننڊ ستل آهي، شهرن ۾ ڪٿي ڪٿي سرڪاري اگهن جون لسٽون لڳل آهن. جڏهن ته ٻهراڙيءَ ۾ ڪو به ڪنهن کان پڇڻ وارو ڪونهي، ٻهراڙيءَ ۾ مزدور جي اجرت گهٽ هوندي آهي، سراسري 400 کان 500 روپين جي لڳ ڀڳ ڏهاڙي ملي ٿي، جنهن مان هڪ خاندان جو گذر سفر سخت مشڪل سان ٿئي ٿو جنهن ۾ ٽن ويلن جي ماني به اڌ بک اڌ ڍءُ تي نصيب ٿيندي آهي، پاءُ، برادري ۾ اٿڻ ويهڻ ڪو ننگ سنگ پرڻ، ڪنهن گهر ڀاتيءَ جي بيمار هجڻ تي دوائن جو خرچ ڪٿان اچي؟ تنهنڪري حڪومت سنڌ هن سلسلي ۾ ڀرپور قدم کڻي مهانگائيءَ تي ضابطو آڻي، سموري انتظاميه کي متحرڪ ڪري، کاڌي پيتي جي شين توڙي عام استعمال ۾ ايندڙ شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪري، عوام کي فوري طور تي رليف ڏيڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، حڪومت طرفان اهڙو ڪو قدم فوري طور تي جيڪڏهن نه کنيو ويو ته عام ماڻهوءَ جون نه رڳو مشڪلاتون وڌي وينديون پر سندن گذر سفر به تنگ ٿي ويندو ۽ بک وگهي ماڻهون خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا سماجي برائين ۾ اضافو ٿي ويندو چوريون ڦرون ڌاڙا روز جو معمول بڻجي ويندا ان کان علاوه ڪٽڪ جو امدادي اگهه سنڌ حڪومت تڏهن مقرر ڪري ها، جڏهن ڪٽڪ لهڻ تي هجي ها. ڪٽڪ جو امدادي اگهه ڪٽڪ جي پوکي ۽ ڪٽڪ جي لهڻ کان چار پنج مهينا اڳ ۾ هيٺو ڪري اٿي جو اگهه چوٽ چاڙهيو ويو آهي، جيڪو خريد ڪرڻ مسڪين غريب جي پهچ کان تمام مٿي آهي، پر مجبورن بک بدحالي هوندي به ڏکيو سکيو گذر سفر ته ڪرڻو آهي ان لاءِ سنڌ حڪومت کي گذارش آهي ته سمورا اختيار استعمال ڪري مهانگائيءَ تي ضابطو آندو وڃي. برسات سٽيل ماڻهن جي ترت واهر ڪئي وڃي ته جيئن عام ماڻهن کي ڪو بهتر ۽ سٺو فائيديمند رليف ملي سگهي.

آرِ ڏُکَندو اُو تئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساتَرِ صِحتَ سُپِرين.

ديا ڀيل جو دردناڪ قتل، قاتلن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو

سوشل ميڊيا تي شديد ردعمل

سنجهورو ويجهو عورت ديا ڀيل جي دردناڪ قتل واري واقعي تي سوشل ميڊيا تي شديد ردعمل ڏنو ويو قاتلن کي گرفتار سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو ان حوالي سان اياز ڪوسو پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته سانگهڙ سنجهورو ۾ ديا ڀيل جي بدن تان کل لاهي چاتي ۽ نازڪ عضوا ڪپي بيدردي سان قتل ڪندڙ حيوانن کي گرفتار ڪيو وڃي جنهن تي فيض ماهي لکيو ته ڪهڙي ڏوهه ۾ ماريائون؟ اير يوسف لکيو ته ڏوهه ڪهڙو هو انهيءَ جو ڪو ڏوهه ڪيو هوندو، عزيزالله جروار لکيو ته انهن حيوانن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، محمد جعفر ڪالرو لکيو ته افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو واقعو جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي، حسين منظور لکيو ته واقعي جي مذمت ڪندي ڏوهارين جي گرفتاري جي گهر ڪجي ٿي، آفتاب احمد لکيو ته الله اڪبر لڳ ڪانداريندڙ واقعو آهي، جهامن داس لوهار لکيو ته انهن حيوانن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، ذاڪر لغاري لکيو ته ڀوپائي قسم جي واردات پئي لڳي، شايد ائين نه هجي، عزيز احمد داٿوديوٽو لکيو ته واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. ڏوهارين کي فورن گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪجي ٿي، امير بخش لنڊ لکيو ته انهن حيوانن کي سرعام ڦاسي ڏني وڃي، نياز علي ڪوسو لکيو ته وڏي بيدردي سان ماريو ويو آهي ديا ڀيل کي، حيوانن کي سزا نه پر سرعام ڦاسي ڏني وڃي، اسد ڪوسو لکيو ته افسوس، انهن حيوانن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي، محمد ايوب نهڙيو لکيو ته سرعام حيوانن کي ڦاهي ڏني وڃي، اڪبر ڪوسو لکيو ته سواءِ افسوس جي ڪجهه به ڪونهي وس ۾، رميش راجا، لالچند ڪولهي، هريش ڪمار ۽ زبير علي ڪپري لکيو ته انهن حيوانن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، اي ڪي احمداڻي، علي گل ڪلوئي، غلام نبي ڪوسو پرڪاش ڪي ڊي جيسواڻي، ارجن داس، بابو موتي، صابر علي به افسوس جو اظهار ڪيو ۽ جوابدارن کي سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو فقير ميهر علي جمالي لکيو ته افسوس انسانيت ختم ٿي وئي آهي، شعور داٿوديوٽو، اشرف خاصخيلي، نسيم ڪنهر، اياز محمود، عبدالجبار ۽ واقعي جي مذمت ڪندي جوابدارن کي سخت کان سخت سزا ڏيڻ جي گهر ڪئي. رشيد سڌايو پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته ديا ڀيل به سنڌ جي نياڻي هئي، ان جو قتل ۽ لاش جي کل لاهي ڳيا ڳيا ڪرڻ ڪانپوءِ اسان لاءِ ٻڌي مرڻ جي به ڪا حيثيت ناهي رهي، اسان پوءِ به جشن ملهائيندا سين، سنڌ جي ساڃاهه قوم تي رحم ڪيو جنهن تي وسيم گبول لکيو ته بيحد دردناڪ قتل افسوس!!! مجتبيٰ ڪوسو لکيو ته خدا ظالمن تي ڪو ڪهر ڪيرائي، رياض احمد سنڌي، نور بلوچ، ناز ۽ پٽي افسوس جو اظهار ڪيو مجيب سنڌيلو پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته سنجهوري ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪيل ناري ديا ڀيل جي قاتل درندن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي، امر سنڌو پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته اياز ميلي تي تنقيد مان واندا ٿيا هجو ته سنجهوري ۾ ڪٺل عورت جا فوٽو ڏسي وٺو اهو ئي عورت دشمن سوچ جو چهرو آهي، جنهن تي جبار ڀٽي پوسٽ لکيو ته سنڌ حڪومت ۽ پوليس کي گهرجي ته قاتلن کي ڪيفر ڪردار تي پهچائي سخت کان سخت سزا ڏياري هڪ انسان هڪ عورت سان انصاف ڪيو وڃي، واگهو مل ميگهواڙ لکيو ته اهي ماڻهو جي روپ ۾ وحشيت ڏاري ٻيا هلن. شيدي شهناز افسوس جو اظهار ڪيو، نثار کوکر پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته سنجهوري لڳ ڍيٽي ڳوٺ ۾ جنهن بيدردي سان ديا ڀيل کي قتل ڪيو ويو آهي. ان جا فوٽوان جي وڊيو اٿون ڏسي نٿو سگهان ته شيئر ڪيئن ڪريان. هي سنڌ آهي يا ڪنهن آدمخور قبيلي جي ڪيتي جتي وحشت ئي وحشت جو راڄ آهي. سانگهڙ جي ايس ايس پي بشير احمد بروهي کي گذارش آهي ته نياڻي ديا ڀيل جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪرائي ۽ قرار واقع سزا ڏياري. جنهن تي علي رضا ٻرڙو لکيو ته جيئن سياستدان اقتدار جي لاءِ وڙهي رهيا آهن تيئن ئي اسان کي انصاف لاءِ وڙهڻو پوندو موجوده سسٽم ۾ انصاف ناممڪن آهي هاڻي بس انقلابي جدوجهد ئي جو ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿي، نظر ٻياسي لکيو ته افسوس آهن ڌرتي تي آلائي جا پيو ٿئي، وقار لغاري لکيو ته ديا ڀيل جي قتل جي جاچ وارثن ۽ مجيري کان ٿيڻ گهرجي، دلبر علي ڪوسو لکيو ته افسوس، پوليس کي فوري طور قاتل گرفتار ڪرڻ گهرجن. علي سجاد به افسوس جو اظهار ڪيو ڪامل نهڙيو، وسيم ٻٽ، ڪرشن راٺوڙ، ديدار باجڪاڻي، رياض امر ٻجورو، گهرام خان ڪوسو حفيظ شر، منوهر داس، غلام شبر به واقعي تي ردعمل ڏنو افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته وڏو ظلم ٿيو آهي، وحشت جي انتها ٿي وئي آهي. صنم منگي پوسٽ شيئر ڪندي لکيو ته سنجهورو سانگهڙ سنڌ ڍيٽي ڳوٺ ۾ ديا ڀيل کي بيدردي سان قتل ڪرڻ جي مذمت ڪجي ٿي عورتن سان ظلم بند ڪيو وڃي، سنجهورو واقعو انسانيت جا ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن حد جي ايس ايس پي سميت ڊي آءِ جي کي گهرجي ته عورت کي قتل ڪندڙ ۽ تذليل ڪندڙ کي گرفتار ڪري سخت کان سزا ڏني وڃي. سنجهورو لڳ ڪانداريندڙ واقعو ڏسي انسانيت به رني هوندي. هڪ بيواهه عورت جو لاش هٿ آيل لاش جو سر ڌڙ کان ڌار ٿيل هو ۽ ڌار ڪيل سر کي به بخش نه ڪيو ويو، سر جي منهن تان کل ۽ وار به انتهائي وحشياڻي طريقي سان روڙيا لاٿا ويا آهن، ظلم جي انتها اتي ختم نٿي ٿئي، بيدردي سان قتل ڪيل ديا ڀيل کي هڪ پٽ ۽ 5 نياڻين جو اولاد آهي. جنهن تي مقصود بلوچ افسوس جو اظهار ڪيو، منظور سومرو لکيو ته انسانيت ختم ٿي وئي انهن جي ظلمن جي ڪري آسان مٿان الله جو عذاب آهي، منظور حسين پنهيار، فريد عباسي، اتمچند ڊي ڪستوراڻي، افسوس جو اظهار ڪيو، قادر بخش مهراڻي لکيو ته اهڙا واقعا ففٽي سيونٽي پرسنٽ اڃا به ڳجها آهن وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ۽ هي لا قانونيت آهي، پراڻي دور ۾ عورت کي زائيفان ڪري سڏيو ويندو هو ۽ اڄ وچي سمجهه ۾ آيو ته زائيفان مان مراد ڪمزور هيڻي بيوس واقعي عورت اڄ به زائيفان آهي، اڄ ڪلهه ته عورت وڌيڪ مظلوم ٿيندي پئي وڃي هي ءِ ظالمانو دور هلي رهيو آهي اڳتي جا ٿيڻو آهي ڪا خبر ناهي، خديجه ڪيڙانو صاحبه پيرزادو به واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو.

بقايا 01

سان 200 سالن تائين هڪ لک ميگا واٽ بجلي پيدا ڪري سگهجي ٿي. سنڌس چوڻ هو ته ڪورونا سبب منصوبو دير جو شڪار ٿيو، ٿرڪول سان حڪومت کي ٻارڻ جي درآمدن تي 6 بلين ڊالرن جي بچت ٿيندي. گهڻي پاسي ٿرپارڪر ۾ مقامي ڪوئلي مان 330 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ واري

بقايا سنڌيار 01

ڪاروائي نہ ٿي سنڌ سرڪار پاران اٽي جو سرڪاري اگهہ 65 روپيہ في ڪلو تي عمل نہ ٿي سگهيو فوڊ ڪاتي پاران اٽي جي ملن ۽ چڪين لاءِ مقرر 26 هزار بورين جي ڪوٽا هجڻ باوجود غريب مسڪين ماروئڙن کي سرڪاري اگهہ تي اٽو فراهم نہ ٿيو دادو جا مسڪين ماروئڙا منافع خورن کان 120 روپيہ ڪلو اٽو وٺڻ تي مجبور آهن

بقايا سنڌيار 02

جوائنٽ سيڪريٽري محمد ملاح، خزانچي انور علي عباسي، آڊيٽر رفاقت جروار، سوشل سيڪريٽري بلاول پٺاڻ چونڊيا ويا.

بقايا سنڌيار 03

غلام حيدر ڪوسو جبار سولنگي رفيق احمد چنا غلام جيلاني منگي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪشمور ۾ دڪاندارن فوڊ انسپيڪٽرز ۽ فلور ملز مالڪن ملي ڀڳت ڪري اٽي جو هٽراڊو بحران پيدا ڪيو آهي ۽ ڪشمور شهر ۾ ڪٽڪ جو اٽو 140 روپيا في ڪلو وڪامي رهيو آهي غريب ماڻهو هڪ ويلي جي ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهن ڪشمور جي فلور ملز انتظاميہ آرسي خوراڪ سينٽر تان هڪ لک مڻ ڪٽڪ خريد ڪئي تہ سرڪاري اگهہ تي شهرين کي ڏني ويندي جنهن باوجود شهرين کي فلور ملز طرفان ڪٽڪ جي اٽي جي فراهمي نٿي ڪئي وڃي ڪشمور جي ڊي ايف سي فوڊ طرفان مختلف ڪٽڪ جي واپارين سان ملي ڀڳت ڪري چڪي مشينن جا جعلي لائسنس جاري ڪري لکين مڻ ڪٽڪ هڙپ ڪئي آهي ۽ سنڌ سرڪار جا وزير ڪوڙ مٿان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن تہ سنڌ ۾ اٽو 65 روپيا في ڪلو جي حساب سان اٽو وڪامي رهيو آهي ڪٿي بہ سستو اٽو نٿو ملي غريب ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ ماڻهو سخت پريشان آهن ايس ٽي پي ڪارڪنن ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور منور علي مٺياڻي ۽ خوراڪ کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ ڪٽڪ جو اٽو سرڪاري اگهہ تي مهيا ڪري غريب ماڻهن کي رليف ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 04

رليف ملي سگهي. ڊپٽي ڪمشنر چيو آهي تہ ضلعي جي سمورن تعلقن جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سستي اٽي جا موبائل اسٽال قائم ڪيا ويندا تہ جيئن عوام کي وڌ کان وڌ فائدو حاصل ٿي سگهي. هن چيو آهي تہ بازارن ۽ مارڪيٽن ۾ اٽي جي ڪنٽرولڊ ريٽ تي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو جڏهن تہ مهانگي اگهہ تي اٽو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 05

منڊي توڙي شهر جي مختلف روڊن گولاڙچي روڊ، ٽنڊو ڪول روڊ، حيدرآباد روڊ ڪان اينڊڙ لوڊيڊ گاڏين ڪان ميونسپل ڪميٽي بدين جي نالي تي پارڪنگ ٽيڪس وصول ڪيو وڃي ٿو پارڪنگ ٽيڪس 2007 ۾ حڪومت پاران ختم ڪيو ويو هو پر بدين ۾ شروع ڪان اڄ تائين وهيڪل ٽيڪس توڙي پارڪنگ ٽيڪس ختم نہ ٿي سگهيو من پسند ماڻهن کي پارڪنگ ٽيڪس ڏنو وڃي ٿو جنهن جو آفيشل ڪو ليٽر نہ ڪڍيو ويندو آهي نہ ئي ٽيڪس جي شرح مقرر ڪيل آهي تہ کهڙي گاڏي ڪان ڪيترو ٽيڪس وٺڻ گهرجي ٻي طرف شهرين راشد قمبراڻي محمد رفيق عمراڻي ٻڌايو تہ پارڪنگ ٽيڪس جيڪو روزانہ هزارين روپيا اوڳاڙي ڪئي ويندي آهي پر اهي پيسا روزانہ يا مهيني تي ميونسپل جي اڪائونٽ ۾ جمع نٿا ٿين هنن ڊپٽي ڪمشنر بدين ، سيڪريٽري لوڪل گورنمنٽ ، چيئرمين اينٽي ڪرپشن ، سرڪل آفيسر بدين کي اپيل ڪئي آهي تہ ميونسپل جي جاري ڪيل پارڪنگ ٽيڪس ۽ ٻين ٽيڪسن جي ٻي قائدگين جي مڪمل جانچ ڪندي سخت نوٽيس نوٽس ورتو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

لوگي، مهراڻ، گل قل، سرتيون رسالن بابت پنهنجي راءِ رکي تہ بورڊ انتظاميا کي انهن کي وڌيڪ بهتر ڪندي جديد ترقي پسند ادب کي ڇپرائڻ لاءِ اڳڀرائي ڪرڻ گهرجي ۽ ٽرانسليشن بيورو قائم ڪري سنڌي مان ٻين ٻولين ۽ ٻين ٻولين جو ادب سنڌي ۾ ترجمو ٿي سگهي، سنڌي ادبي سنگت جي وفد اها بہ تجويز ڏني تہ هر ضلعي جي مرڪز ۾ بوڪ اسٽال ۽ لائبريريون قائم ڪيون وڃن ۽ اتي ڪتابي ميلا لڳائي ڇپيل ڪتابن کي ڪهڻ مان ڪيڍي پڙهندڙن جي رسائي آسان ڪئي وڃي، جڏهن تہ ڪتابي ميلن جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي سنگت بورڊ انتظاميا سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهي، سنگت وفد اها بہ راءِ ڏني تہ بورڊ وٽ گڏيل ڪيٽري عرصي ڪان جن اديبن جا مسودا پيل آهن انهن تي بہ اڳڀرائي ٿيڻ گهرجي ۽ ادبي بورڊ پاران ڇاپيل سنڌ جي تاريخ جا ڪيترا اهم ڪتاب هينئر اڻلڀ آهن اهي ٻيهر ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، ان موقعي تي سيڪريٽري جنرل سان گڏ ٻيا مرڪزي عهديدار شبير سيال، مظهر خاصخيلي ۽ سنڌ سنگت پاران جوڙيل ڪلچرل ڪميٽي جي اڳواڻ يوسف سنڌي ۽ ۽ آغا ظفر ادبي بورڊ جا شعبا پڻ گهمي ڏٺا. ملاقات ۾ ادبي بورڊ جي ايڊيشنل سيڪريٽري گلبدن جاويد مرزا ۽ ٻيا شامل رهيا. ٻئي طرف سنڌي سنگت جي ساڳئي وفد سنڌالاجي جامشوري جي ڊائريڪٽر مرتضيٰ سيال سان پڻ تفصيلي ملاقات ڪندي نہ صرف تاريخي اداري بابت جاڻ ورتي پر ساڻس پڻ اداري جي بهتري لاءِ پنهنجا رايا رکيا ۽ وفد محسوس ڪيو تہ جتي سنڌالاجي انتظاميا هينئر بهتري ڏانهن وک کڻي رهي آهي اتي مالي معاملن سبب ڪيترائي ڪم رڪيل آهن. سنگت جي وفد سنڌالاجي انتظاميا کي ڀرپور اخلاقي سهڪار جي آڇ ڪندي چيو تہ سنڌ سنگت ادارن جي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻجڻ بدران پنهنجو سهڪاري رويو بہ جاري رکندي ۽ ادارن جي بهتري لاءِ انهن تي اسٽيڪ هولڊر طور نظر پڻ رکندي ايندي، واضح رهي تہ ان سلسلي ۾ جلد ٻين ادارن جي انتظاميا سان پڻ ملاقاتن جو سلسلو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 07

ڪيئر فائونڊيشن جي چيئرمين حنا حسين پنهنجي ٽيم سان گڏ گلشن سيد ٽينٽ سٽي ۾ پهچي ٻوڏ متاثر 150 عورتن ۾ گرم ڪمبل راشن ۽ اٽو ورهايو جڏهن تہ 500 ٻارڙن کي ڪتاب ڏنا ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي حنا حسين چيو تہ اسان ٻوڏ متاثرن جي شروعات ڪان مدد ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو تہ جڏهن هن ڀيرو پيرون گلشن سيد ٽينٽ سٽي جو دورو ڪيو هو تہ ڪليل آسمان هيٺ ويٺل عورتون معصوم ٻارڙن کي ڏسي انهن جي اهڙي حالت تي دلي صدمو پهتو جنهن بعد اسان فوري طور تي 50 شيلٽر گهر بيواهہ عورتن کي ٺهرائي ڏنا جڏهن تہ متاثرن کي دوائون پڻ فراهم ڪيو هن وقت سرد موسم سبب 150 بيواهہ عورتن کي سردي کان بچڻ لاءِ ڪين گرم ڪمبل ڏنا آهن جڏهن تہ راشن طور اٽو ڏنو آهي ڇاڪاڻ تہ هن وقت اٽو مهانگو ٿيڻ سبب غريب ماڻهو لاءِ بہ وقت پيٽ گذر ڪرڻ بہ مشڪل بڻجي ويو آهي جڏهن تہ 500 ٻارڙن کي ڪتاب پڻ ڏنا ويا حنا حسين جو چوڻ هو تہ غريب بي سهارا ماڻهن جي خدمت سان دلي سڪون ملي ٿو تمام سرندي وارن ماڻهن کي پڻ متاثرن جي مدد لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي. ان موقعي تي رضاڪار شهنشاهہ سيال، ميرصدصدام حسين، علي حيدر، عتيق الرحمان سومرو ٻين ڪلثوم حنا ڪيئر فائونڊيشن جي خدمت جي ساراهہ ڪندي سنڌن انساني خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا سنڌيار 08

ان ڏس ۾ سکر شهر جي پراڻو سکر، وسپور محلا، رائل روڊ، نئون پنڊ، نئون ڳوٺ، پوسا لائين، قريشي ڳوٺ، ريس ڪورس روڊ، ميناره روڊ، شاليمار، ڪوئنس روڊ، ميانڪي روڊ سميت اڪثر علائقن ۾ صبح منجهند ۽ شام جو ماني پچائڻ وقت گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ گئس جي فراهمي بند ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب سکر واسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ گئس نہ هجڻ سبب ڪاٺيون ۽ سلينڊر ٻارڻ تي مجبور آهن. جنهن خلاف سکر جي رهواسين احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو فوري طور تي بند ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ڪري ڌمڪيون ڏيندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون ۽ منهنجي فيملي کي تحفظ ڏنو وڃي،

بقايا سنڌيار 10

محمد رند ، اڳوٽي ناظم علي اصغر رند ، پاڪستان پيپلز پارٽي جي علي نواز چانڊيو ، سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري ماڻڪ ملاح ، ٽائون ڪاميٽي جي اڳوٽي وائيس چيئرمين نور احمد لاکو ، سماجي ۽ علمي شخصيت آفتاب احمد چانڊيو. پريس ڪلب جي اڳوٽي صدر ۽ نامور ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيو ، ادب دوست محمد حنيف سومرو، تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر سيد قربان علي شاهہ، ٽائون آفيسر سيد غلام مرتضيٰ شاهہ، راجا ارشاد علي ڪيريو ، سينئر صحافي رضا محمد سيال پنهنجي الڳ الڳ خطاب ۾ چيو تہ قاضي جاويد سنائي گهڻ رُخي شخصيت آهي سندس ڪوڙ سارا پاسا آهن خاص ڪري تعليم ، صحت ، صحافت ۽ فلاحي ڪمن وارا پاسا سگهارا اٿس جنهن ۾ هن بي لوث خدمت ڪئي آهي هنن چيو تہ اڪثر جيڪو ماڻهو مختلف پليٽ فارم تي هوندو آهي اُهو پنهنجي ڪر يا منصب سان انصاف ناهي ڪري سگهندو پر قاضي جاويد سنائي ۾ اهي خداداد صلاحيتون آهن جو هُو سڀني پاسا ايمانداريءَ سان نڀائيندو اچي اڄ ڪيس ايوارڊ ملڻ، رهاڻ رچائڻ يا 2023 قاضيءَ جي نانءَ ڪرڻ سندس حق آهي بلڪہ هُوان ڪان وڌيڪ لهڻي ٿو WWO وارن قاضي جاويد سنائي جي چونڊ ڪري بهترين فيصلو ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو تہ اڄ جي پروگرام جا ميزبان اعجاز علي ڪيريو ۽ خير محمد لاکو جس لهڻ جن ايوارڊ لاءِ هڪ اهڙي شخصيت جي چونڊ ڪئي آهي جيڪو ان معيار تي پورو لهي ٿو ان ڪان اڳ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر مسعود احمد عمراڻي آيل مهمانن کي آجيائو پيش ڪري قاضي جاويد جي زندگي تي پڻ ڳالهايو شاندار پروگرام ڪي صحافي مير محمد ڪيريو منفرد انداز ۾ ڪمپيئرنگ ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳايا ان موقعي تي معشوق ڏاريجو ، چگل خان انڙ ، عبدالقادر جيلاني ، رضا محمد چانڊيو ، محمد بچل ڏهيو ، نورالدين ڪيريو ، قربان علي ڪيريو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ ٿيون جن گڏجي قاضي جاويد سنائي کي ايوارڊ ڏنو

بقايا سنڌيار 11

غريبن کان جيئڻ جو حق ڪسي ورتو واپارين ڪاڏ خوراڪ جي شين جا اگ وڌائي ڇڏيا اٽو 130 روپيا ڪلو گيہ 500 ڪلو آئل 500 ليٽر دال 300 ڪلو گوشت وڏو 800 ڪلو گوشت ننڍو 1800 ڪلو بصر 180 ڪلو کير 160 ليٽر ڏهي 250 ڪلو بٽاٽا 60 ڪلو ٽماٽا 50 ڪلو مڇي 500 ڪان 1200 ڪلو کنڊ 90 ڪلو ۽ ٻين عام واهپي جي شين جا اگ هيٺا ڪري ڇڏيا غريب ماڻهو هڪ ويلو ماني کان بہ محروم ٿيڻ لڳا جڏهن تہ پرائس ڪنٽرول ۽ ڊسٽرڪٽ مئنيجمينٽ اٿارٽي وارا اگهور ننڊ ۾ ستل واپارين جو چوڻ آهي تہ گورنمينٽ طرفان ڪٽڪ جو ريٽ وڌائڻ ڪان پوءِ اٽي جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي. ان موقعي تي گهارو جي ساجاهوندن گڏجي جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واپارين کي سرڪاري اگهہ تي عام واهپي جون شيون وڪرو ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي جيئن عام ماڻهو کي جيا پو ملي سگهي

بقايا سنڌيار 12

4وارداتون ٿيون آهن پوليس ڪک پڇي پيٽون ڪيو آهي ان سلسلي ۾ ڪڪڙ لڳ جوهي بٺراج وٽ بروهي ڳوٺ مان هڪ ئي گهر جي 3 پاتين حاڪم بروهي غلام حسين گل محمد بروهي جون گهر ٻاهران بيٺل 3موٽر سائيڪلون نامعلوم چاهي چور چوري ڪري ڪاهي فرار ٿي ويا ڪڪڙ مان پورهيت شاهد خانزاده جي موٽر سائيڪل ڪاهي ويا نامعلوم چورن پورهيت گلاب قمبراڻي جي گهر مان 5ٻڪريون چوري ڪري ڪاهي ويا ڪڪڙ ۾ سيد محلہ مان جامع مسجد ۽ پورهيت اصغر ڪرل جا الڳ الڳ بجلي جا 2 پاڻي جا موٽر جون چوري ڪري ڪئي فرار ٿي ويا ۽ ڪڪڙ مان حضوري مسجد مان نامعلوم چورن سولر بيٽري چوري ڪري ويل واپس نہ ٿي ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي جي چوريون ڦوريون روز جو معمول بڻجڻ ڪانپوءِ پوليس خاموش بڻيل آهي شهرين جون ننڊون حرام ٿي ويون آهن ايس ايس پي دادو بدامني جي واقعي جو پاڻمرادو نوٽيس وٺي ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 13

۽ رينجرز آفيسرن ، فنڪشنل ليگ صوبائي اڳواڻ نثار منگي، ڊويزنل اڳواڻ سيد شفقت شاهہ، ڊي ايس پي عبدالرشيد جوڻيجو، ڊائريڪٽر ايگريڪلچر رسول بخش جوڻيجو ،فقير عنايت الله ٻرڙو، درگاهہ پيرجوڳوٺ جي خليفن ۽ حر جماعت سميت علائقي جي سياسي سماجي شخصيتن ترجي معززين ،صحافين ۽ وڪيلن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ياد رهي تہ شهيد فوجي جوان اربع ۽ خميس جي وچ واري رات پشاور ويجهو پاڪ افغان بارڊر تي ساٿين سميت دهشتگردن جي حملي ۾ شهيد ٿيو هو جنهن جو مڙهہ پاڪ فوج طرفان ايمبولينس ذريعي اباڻي ڳوٺ خاصو جوڻيجو پهچايو ويو شهيد فوجي جوان جو مڙهہ فوجي اعزاز ۾ هزارين آلين اکين سان اباڻي قبرستان پير ابراهيم شاهہ جيلاني ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو جتي تدفين وقت سندس قبرتي پاڪ فوج جي دستن طرفان پاڪستاني جهنڊو لڳائي گلدستا رکي سلامي ڏني وئي جنهن بعد سندس پاڙن فقير ياسين جوڻيجو ۽ سندس گهر ياتين سان ڳوٺ خاصو جوڻيجو ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي،ٻئي پاسي شهيد فوجي جوان جي پاءُ فقير محمد ياسين جوڻيجو ۽ ڳوٺ جي معزز ۽ وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان کي فخر آهي دوطن جي حفاظت ڪندي اسان جو نوجوان شهيد ٿي ويو آهي پياري ملڪ پاڪستان مٿان سر بہ قربان آهي هنن چيو الله پاڪ وطن جي دشمنن کي نيست نابود ڪندو.

بقايا سنڌيار 14

ٻرڙو پنهنجي ئي برادري جي جاڙل خان گلزار احمد ڪان پندرهن لکن ۾ ٽي جريب زرعي زمين خريد ڪئي هئي ۽ پوري رقم ادا ڪري زمين جي ڪاتي جي گهر ڪئي جنهن ڪان پوءِ ڪاتي ڏيڻ جا صرف دلاسا ڏيندا رهيا آهن ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ منهنجو والد مڪڻ خان ٻرڙو فوت ٿيڻ ڪانپوءِ مخالفن خريد ڪيل زمين جو ڪاتو ڏيڻ بدران قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ مونکي ۽ منهنجي خاندان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن احتجاج ڪندڙ پورهيت منير ٻرڙو آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي سکر ڪان پرزور مطالبو ڪيو تہ فورن قبضو ڪندڙ بااثر ماڻهن خلاف نوٽس وٺي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خريد ڪيل زرعي زمين جو ڪاتو ڏياري انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ ڊي آئي جي سکر آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 15

سولنگي جي اڳوائي ۾ ايس ايس پي موڙ ڪان دادو پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ضلعي صدر الطاف عباسي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ چيو تہ پارٽي جي مرڪزي قيادت پاران غريب مسڪين ٻوڏ متاثرين لاءِ ملندڙ 90 ڪان وڌيڪ امدادي سامان جون ٽرڪون ڏنيون ويون جنهن ۾ راشن ٽينٽ سردي جا گرم ڪپڙا هئا جيڪي ضلعي صدر دوڪانن تي وڪرو ڪيا جيسيتائين ڪرپٽ ضلعي صدر الطاف عباسي کي نہ هٽايو ويندو احتجاج جاري رهندو، جڏهن تہ مسلم ليگ ن ضلعي دادو جنرل سيڪريٽري رئيس مقدس خان پنڊ احتجاج نوٽيس وٺي ڇڏيو ميڊيا کي ٻڌايو تہ ڪارڪنن جو احتجاج جائز آهي مون مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر سيد شاهہ محمد شاهہ . حيدرآباد ڊويزن صدر خالد عزيز آرائين کي حالتن کان آگاهہ ڪيو آهي قيادت يقين ڏياريو آهي تہ جلد ٻوڏ متاثرين جي مليل امدادي سامان وڪرو ڪرڻ جي جاچ ڪري سامان ٻوڏ متاثرين کي ڏياريو ويندو ۽ پارٽي عهديدارن ڪارڪنن کي انصاف فراهم ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 16

جي شاهي بازار، صرافا بازار ،ملاح چوڪ کان ٿيندي ڪارڪن عيدگاهہ چوڪ تي پهتا ۽ ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي اڳواڻن فقير سڏير تنيو، وحيد علي، نثار عباسي، سيد عاشق علي شاهہ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ خانواهڻ شهر ۽ پرياسي جي علائقي ۾ ڦورن ۽ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي، پر پوليس ڏوهارين خلاف قدم نٿي کڻي، جنهن سبب انهن جو من وڌي ويو آهي، هنن وڌيڪ چيو تہ بدامني کي بنجو نہ ڏنو ويو تہ روزانو شٽر بند هڙتال ڪري احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 17

جنهن جو وڏو ڪارنامو ڀٽائي سائين جو رسالو اردو ۾ ترجمو ڪيو. شيخ اياز سنڌي زبان ڪانسواءِ اردو ۽ پنجابي زبانن ۾ پڻ تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي سندس 70 ڪان وڌيڪ شاعري جا مجموعا سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي ذخيري جي حيثيت رکن ٿا پاڻ قومي شاعر سان گڏ هڪ وڏو عالمي آفاقي شاعر ٿي گذريو آهي. هنن چيو تہ شيخ اياز کي هر فنڪار ڳايو آهي ۽ عوام ۾ مقبوليت ماڻي آهي سنڌ جو هڪ مها قوي شاعر اڄ بہ عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو ان موقعي تي شاخ بچل مهر جي سيڪريٽري مير حسن مهر، يونس راڄپر، ساگر يوسف منگي، محمد سوڌل مهر، ضمير حسين لنڊ، شاهد سحر خانزادو ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن تہ غلام حسن ڪلهوڙو شيخ اياز جي شاعري ترنم ۾ ڳائي محفل کي جهومائي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 18

حضرت بيبي فاطمہ زهره سلام الله عليہ جي شهادت واري ڏينهن جي مناسبت سان ۽ فتح پور پريارو جي امام بارگاهہ امام حسن مجتبيٰ مسجدعلي ولي الله ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس عزا کي علامہ مولوي حيات عباس نجفي . مولوي عرفان علي عرفاني ٻين علماءُ خطاب ڪيو ۽ مومنين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي ۽ ٻين انجمنن اهلبيت جي مصائب ۾ نوحہ خواني ڪئي. جڏهن تہ مجلس عزا کي خطاب ڪندي چيو تہ اڄ ڪل ڪائنات جي پاڪ پيغمبر رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي دختر حضرت سيده بيبي فاطمہ زهره جي شهادت جو ڏينهن آهي اڄ پوري ڪائنات سندس ڏک ۾ ڏکويل آهي. علماء خطاب ڪندي سيرت فاطمہ بيان ڪندي چيو تہ جنهن دور ۾ نياڻي جي جمڻ تي ماڻهون ناراض ٿيندا هئا ان دور ۾ الله تعالي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم کي نياڻي جو اولاد عطا ڪيو ۽ ٻنهي جهانن جي سردار پنهنجي نياڻي حضرت بيبي فاطمہ زهره سلام الله عليہ جي اچڻ تي عزت خاطراٿي بيهندا هئا ۽ دنيا کي ٻڌاياڻون تہ نياڻي جي جمڻ تي ناراض نہ ٿيندا ڪريو نياڻي الله تعاليٰ جي رحمت هوندي آهي. حضرت بيبي فاطمہ زهره سلام الله عليہ جي خاندان جا دين اسلام تي ٿورا آهن سندس تربيت اهيا آهي تہ جنهن دين اسلام کي بقا ڏني اهو سندس فرزند امام حسين عليہ السلام آهي. هنن چيو تہ جيڪڏهن دين اسلام کي سمجهڻو آهي.

بقايا سنڌيار 19

۾ مبتلا ٻارڙا اچي رهيا آهن جتي بهترين ۽ مفت طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ٻئي پاسي ٿيليسيميا سينٽر جي عملي ڪيس بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ اسان جي سينٽر ۾ ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا 800 ٻارڙا رجسٽرڊ آهن ۽ روزاني جي بنياد تي 50 ٻارن کي رت جي تبديلي ۽ فراهمي ڪئي ويندي آهي پر ان باوجود رت جي ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر شاهده پروين چيو تہ چائلڊ لائيف چلڊرين ايمرجنسي ۾ خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن. لاڙڪاڻي جي شهرين لاءِ چلڊرين ايمرجنسي ڪنهن نعمت ڪان گهٽ ناهي جتي تمام جديد سهولتون موجود آهن. هن چيو تہ ٿيليسيميا جي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن کي رت جي فراهمي واري ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ضلعي سطح تي جلد بلڊ ڪيمپون لڳايون وينديون. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ اڻ رجسٽرڊ ليبارٽرين ۽ بلڊ بئنڪن جي سخت نگراني ڪري ڇاپا مار ٽيمون جوڙيون وينديون تمام جلد اڻ رجسٽرڊ ليبارٽرين ۽ بلڊ بئنڪن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ لاڙڪاڻي ۾ حدخليون اجا بہ موجود آهن. جن خلاف آپريشن ڪيو ويندو جيئن شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني بهتر ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 20

سي نوشهروفيروز کي لکت ۾ درخواست ڪري نشاندهي ڪئي ان تي اي سي نوشهروفيروز مختيار ڪار ۽ انڪروچ مينٽ پوليس ۽ نوشهروفيروز ٿاڻي جي پوليس کي قبضا ڪندڙ غلام رسول چانڊيو ارباب چانڊيو اڪبر عاشق علي چانڊيو ۽ ٻين قبضا ڪندڙ مانهڻ کي هلنڊڙ ڪم بند ڪرائڻ جا آڊر جاري ڪري ڇڏيا ۽ بعد پوليس ڪاروائي ڪري هلنڊڙ ڪم بند ڪرائي ڇڏيو ۽ اهڙي رپورٽ اي سي نوشهروفيرو کي پڻ ڏني وئي آهي ان موقعي تي حاجي غلام حسين مشوري علي حيدر مشوري حاجي نظر محمد مري ۽ ٻين چيو تہ درگاهہ درويش عبدالرشيد ڪاڪيپوٽو معافي فقير تي غلام رسول چانڊيو ارباب چانڊيو ۽ ٻيا قبرون مسمار ڪري اڏاوتون ڪري منشيات جو اڏو قائم ڪري نئين نسل کي تباهہ ڪرڻ چاهين ٿا ضلعي انتظاميا کي گهرجي تي درگاهہ تي ٿيل غير قانوني اڏاوت ڪرايل ۽ قبضو جلد ختم ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 21

گروپ وچ ۾ مقابلو ٽيڪو هو پر پروگريسو گروپ طرفان 8 سرڪاري ملازم صحافين ۽ غير صحافين جا نالا ووٽر لسٽ مان خارج ڪرڻ جي درخواست اليڪشن ڪميٽي طرفان وصول نہ ڪرڻ تي احتجاجن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ شوڪت ميمڻ صدر دودو پنهور نائب صدر شڪور ميمڻ جنرل سيڪريٽري حسين سومرو جوائنٽ سيڪريٽري خالد عباسي خزانچي ۽ عبدالمجيد ملاح سوشل سيڪريٽري سميت ست ڄڻا ورڪنگ ڪميٽي تي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا بدين پريس ڪلب جي ڪل 23 ميمبرن جي لسٽ جاري ڪري انهن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اهل قرار ڏنو ويو جن مان پرو گريسو گروپ جي صدارت جي اميدوار مرتضي ميمڻ اليڪشن ڪميٽي کي درخواست ڏني تہ لسٽ ۾ شامل ٽن سرڪاري ملازمن پنهجن غير صحافين جا نالا لسٽ مان خارج ڪرڻ ۽ هڪ ئي وقت جنرل سيڪريٽري ۽ چيير مين اليڪشن ڪميٽي جا عهدا هڪ ماڻهو جي حوالي ڪرڻ تي اعتراض وارڻ واريون درخواستون چيير مين اليڪشن ڪميٽي طرفان وصول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي مرتضي ميمڻ جي پينل طرفان چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 22

نديم سولنگي پنهنجن معصوم نياڻين سان گڏ ڳوٺ کان ريلي ڪڍي چار ڪلو ميٽر پنڌ ڪري پريس ڪلب تي پهتا جتي احتجاج ڪندي نابينن چيو تہ حاليا برساتن سبب اسانجا گهر ۽ فصل لڙهي ويا جنهن سبب فاڪاڪشي ڪٽڻ ڪري پني خير وٺي ٻچڙن جو پيٽ پالڻ تي مجبور آهيون هنن چيو تہ اسانجي علائقي جا سياسي اڳواڻ موٽروي ميگا اسڪينڊل ۾ گهريل مک جوابدار رحمت الله سولنگي ۽ خالد چنا بہ وڏي پيماني جي ڪرپشن ڪئي آهي انهن خلاف بہ اينٽي ڪرپشن پوليس ۽ ٻيا ادار ڪابہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن هنن چيو تہ اسانجي ڪٽنب جو سياسي لاڳاپو مسلم ليگ ن سان هئڻ ڪري ترجا چونڊيل نمائيندا ۽ ڪامورا اسانکي ڪابہ امداد ٽينٽ يان راشن نہ ڏئي رهيا آهن هنن چيو تہ اسان نہ ڄاڻ ڪيترا پيرا تڪ جي پ پ ايم پي اي سيد مراد علي شاهہ جي بنگلي ۽ ڊي سي نوشهروفيروز اي سي پريا جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٽڪجي پيا آهيون پر ڪير بہ اسانجي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي ٽينٽ نہ ملڻ ڪري سخت ٿڌ ۾ ٻارڙن سميت

بقايا سنڌيار 23

تہ مجلس ۾ سنڌ جي مشهور ذاڪرن مولانہ سيد اسلم شاهہ مولانہ طالب حيدر قمي زوار زاڪر محمد ياسين لاڪو مولانہ لياقت جوهري زاڪر الطاف حسين پيو سميت سنڌ توڙي پنجاب جي مشهور ذاڪرن سائڻ بي بي سيده فاطمہ زهره السلام عليہ جو شان بيان ڪيو، جنهن ۾ سکر جي مختلف ڳوٺن جي انجمنن سان وسطو رکندڙ مومنن مجلس عزا ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جتي عزادارن طرفان سينا زني جي عزاداري ڪري سائڻ سيده فاطمہ زهره السلام عليہ جي غم ۾ پرسو پيش ڪيو ان موقعي تي سکر جي ايس ايس سنگهار ملڪ جي هدايتن تي هد جي ٿاڻي سائيٽ ايريا جي ايس ايڇ او پاران سڪورٽي جا پڻ سخت انتظام ڪيا ويا هئا جڏهن تہ ۾ 9منن جي لاءِ نياز نگر جو پڻ انتظام بہ ڪيو هيو

بقايا سنڌيار 24

هاليپوٽو منور سومرو، صوفي حامد ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ڪجهہ ڏينهن پهرين بلڙي شاهہ ڪريم پوليس وڏا اتالا ساڻ ڪري رات جي اونداهي ۾ بچا برادري جي گهرن تي چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پائمال ڪيو ۽ بچا برادري جي عورتن ۽ ٻارن تي سخت تشدد ڪري گهرن جي لوڙهن کي باهي ڏئي وٺي باهہ لڳڻ جي نتيجي ۾ چئن سالن جي سنيا ۽ ٻن سالن جي اقراه سميت عورتون زخمي ٿي پيون هيون اڳواڻن چيو تہ واقعي جو ڪيس وري بچا برداري جي عورتن سميت نوجوانن مٿان ٽي آئي ايف آرون داخل ڪيون ويون آهن جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي اڳواڻن چيو تہ سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا اسين آئي جي سنڌ : ڊي آئي جي حيدرآباد : ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ انساني حقن واري تنظيمن ڪان مطالبو ٿا ڪريون تہ واقعي جي شفاف انڪوائري ڪري بااثر زميندار ۽ ٽر جي پوليس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي نہ تہ اسانجو هي احتجاجي مظاهرن جو سلسلو جاري رهندو

بقايا سنڌيار 25

سيڪريٽري علامہ راشد محمود سومرو چيو آهي تہ عالمي استعمار ۽ اسلام دشمن قوتن جو هڪ ئي ايجنڊا ملڪ توڙڻ آهي، جيڪڏهن عمران خان جي حڪومت جو خاتمو نہ ڪيو وڃي ها تہ اڄ پاڪستان تباهہ ٿي وڃي ها. جي يو آءِ جي آزادي مارچ، مهانگائي مارچ ذريعي پي ٽي آءِ حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. جي يو آءِ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري پارليامينٽ ۾ سنڌ جي عوام جي نمائندگي ڪندي، حڪومت سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي ۽ عوام جي زندگين جو تحفظ ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت کي اکيون کولڻ گهرجن، سنڌ جي زمينن جي خريد و فروخت بند ڪري، غير قانوني هٿيارن، منشيات جي خريد فروخت بند ڪئي وڃي. جي يو آءِ اڳواڻ ۽ سينيٽر مولانا عطا الرحمان چيو آهي تہ پاڪستان جو مستقبل روشن آهي، ملڪ هاٿي محفوظ هٿن ۾ آهي. پ ڊي ايم حڪومت بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، سکر حيدرآباد ايم سڪس موٽروي منصوبو عوام لاءِ جي يو آءِ جو تحفو آهي. مولانا فيض محمد چيو تہ جي يو آءِ اينڊڙ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺندي ۽ ڪاميابي حاصل ڪندي. ملڪ ۾ نظام مصطفيٰ نافذ رهندو تفصيل موجب، جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس جامعہ منزل گاهہ سکر ۾ سيد سراج احمد شاهہ امروٽي جي صدارت هيٺ ٿيو. ملاقات ۾ جي يو آءِ اڳواڻ ۽ سينيٽر مولانا عطا الرحمان، مولانا فيض محمد، جي يو آءِ سنڌ جو سيڪريٽري جنرل علامہ راشد محمود سومرو، مولانا ناصر محمود سومرو، محمد اسلم غوري، سائين عبدالقيوم هاليجوي، مولانا عبدالڪريم عابد، مفتي سعود افضل هاليجوي سميت 29 ضلعن جي عهديدارن ذميوارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي، ان موقعي تي جي يو آءِ سنڌ جي سيڪريٽري جنرل علامہ راشد محمود سومرو جنرل ڪائونسل اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ عالمي استعمار ۽ اسلام دشمن قوتون قوتون پاڪستان جون دشمن آهن. سندن ايجنڊا رڳو ملڪ کي توڙڻ آهي، جيڪڏهن عمران خان جي حڪومت ختم نہ ٿئي ها تہ اڄ پاڪستان ڊيفالٽ ٿي وڃي ها. جي يو آءِ جي آزادي مارچ، مهانگائي مارچ ذريعي پي ٽي آءِ حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. جي يو آءِ جي لکين ڪارڪنن جون دعائون ۽ جدوجهدون رنگ لاٿو. جي يو آءِ اينڊڙ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪري پارليامينٽ ۾ سنڌ جي عوام جي نمائندگي ڪندي، هن چيو تہ عمران خان جو مستقبل اونداهو آهي. اقتدار تہ پري جي ڳالهہ آهي، اسان سنڌس سياست جو جنازو پڙهي ورتو آهي. مولانا راشد محمود سومرو چيو تہ انشاءَ الله پاڪستان ڊفالٽ نہ ٿيندو. آمريڪا ۽ عمران خان چاهين ٿا تہ پاڪستان معاشي طور مضبوط نہ ٿئي. عمران خان آمريڪا، ڀارت ۽ اسرائيل کي خوش رکڻ لاءِ ملڪ کي معاشي طور تباهہ ڪيو. اسان عمران خان کي اقتدار تان هٽائي سنڌس سياست کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. انشاءَ الله مستقبل جميعت علماءِ اسلام جو آهي. جي يو آءِ اينڊڙ چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندي. مولانا راشد محمود سومرو سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٽ ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت امن امان قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي، اغوا پتا، قتل، چوري، لاقانونيت عروج تي آهي. جڏهن تہ پوليس بہ بيوس بڻيل آهي ۽ ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي آهي. سنڌ حڪومت کي اکيون کولڻ گهرجن. سنڌ جون زمينون غير قانوني طور تي وڪرو ڪيون پيون وڃن منشيات، آئس، ڪوڪين، گٽڪا، غير قانوني جديد هٿيارن جي خريد و فروخت بند ڪئي وڃي. هن چيو تہ برسات متاثرن جي بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن، ماڻهن کي ڇت فراهم ڪرڻ لاءِ گهرن جي تعمير شروع ڪري ڏنيوڃي، ماڻهو سخت سردي ۾ مري رهيا آهن. وزيراعظم کي اپيل آهي تہ فوري طور تي گهرن جي اڏاوت شروع ڪئي وڃي. ان موقعي تي جنرل ڪائونسل جي اجلاس کان سيد سراج احمد شاهہ امروٽي، مولانا عبدالقيوم هاليجوي، محمد اسلم غوري، مفتي سعود افضل هاليجوي، محمد صالح انڍڙ، عبدالڪريم عابد، سميع سواتي، مولانا عبدالله پهوڙ، مولانا ناصر محمود سومرو، مولانا عبدالله مهر، محبت کهڙو، سيد حماد الله شاهہ، حافظ عبدالحميد مهر ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 26

طرفان لال بخش خاصخيلي منظور احمد خاصخيلي پرويز خاصخيلي غلام محمد خاصخيلي عبدالجبار خاصخيلي جي اڳوائي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو هنن چيو تہ چار مهينا پهرين سجاول جي سورج رائس مل هڪ هندو نوجوان خودڪشي جو واقعو پيش آيو جنهن بعد خود ڪشي ڪندڙ نوجوان جي وارثن ماڌو ۽ ڪيمچند ان مل ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت خير محمد خاصخيلي تي زور پريو تہ مل مالڪ پرمانند عرف پرمار خلاف قتل جي شاهدي ڏئي تہ ان کي ڦاسائي پنجاهہ لک رپيا ڏنڊ جي رقم وٺون ان مان پنج لک تون کي ڏينداسين هن الزام هنيو 16 نومبر تي جوابدار ماڌو ڪيمچند ڪمليش تيرٿ بگو نُڪر وارن بدين اچي خودڪشي واري تي تفصيل وٺڻ جي بهاني سان پورهيت خير محمد خاصخيلي کي ڊي پي او چوڪ وٽ گهرائي ڳالهين بهاني ڪار ۾ وجهي اغوا ڪري ويا آهن جنهن جو هن وقت تائين ڪو بہ پتو نہ آهي هنن چيو تہ اسان جو اهڙي درخواست ايس ايس پي درخواست ڏني آهي پر ڪو بہ تدارڪ نہ ٿيو آهي هنن الزام پورهيت خير محمد خاصخيلي جي اغوا ۾ ماڌو ديوان ۽ ٻيا جوابدار ملوث آهن جيڪي ڪوڙي شاهدي نہ ڏيڻ تي پورهيت کي قتل بہ ڪري سگهن ٿا هنن آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ڊي آئي جي حيدرآباد پير محمد شاهہ ايس ايس سجاول ۽ بدين کان مطالبو ڪيو تہ پورهيت خير محمد خاصخيلي اغوا ۾ ملوث بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪري پورهيت کي بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو پوري سنڌ ۾ وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 27

جئي سنڌ محاذ جي چيئرمن رياض چانڊيو نواز شاهہ پاڌائي ممتاز آريسر سلطان دل مصطفي خاصخيلي سان گڏ نئون ڪوٽ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ ماڻهو ڪٽڪ ۽ سرنهن جو فصل پوکي نہ سگهيا آهن عالمي بئنڪ ايشن بينڪ جا عربي ڊالر سنڌ جي ماڻهن جي بحالي لاءِ مليا پر سنڌ جي ماڻهن جي بحالي نہ ٿي سگهي آهي اٽو 150 رپئيا ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي حڪومت چوي ٿي تہ سستي اسان اٽي جا اسٽال لڳايا آهن عربي رپئيا زرداري معافي سرجيل ميمڻ وزير اعلي کائي ويا آهن ان وزير اعلي جي بلاول تعريف پيو ڪري جيڪا پ پ پ بلاول جي صورت ۾ آهي جنهن غريب ماڻهن کي بک ڏني آهي ٿر ۾ ٻن عورتن کي ڊمپر تي ويهاري چوڻ ٿا ٿر ترقي ڪئي آهي ٿر ۾ بک بدحالي آهي ماڻهو خودڪشون پيا ڪن معصوم ٻارڙا بک وگهي تڙپي تڙپي فوت ٿي رهيا آهن ٿر ۾ کهڙي ترقي ٿي آهي 15 سالن ۾ زرداري معافي کي لٽ مارجو لائيسن مليل آهي ڪو پچاٽو معاف آهي 1940 جي قرادات ۾ پاڪستان گهڻ قومي ملڪ آهي پاڪستان کي سنڌ ٺاهيو آهي سنڌ هزارين سالن کان اسان جو وطن آهي لئيرن 9 تاريخ تي خورشيد شاهہ جي سربراهي ۾ وڌيڪ صوبا ٺاهڻ جو بل پاس ڪرڻ لاءِ ڪميٽي ٺاهي آهي اسان ان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ۽ 7 ڊسمبر تي ضلعي هيڊ ڪوارٽر تي 24 ڪلاڪن جي بک هڙتال ڪئي ويندي جتي هزارين جي تعداد ۾ قومي ڪارڪن گڏ هوندا

بقايا سنڌيار 28

مسمات سمل انڙ لاش مٿان هنجون هاريندي پوليس مٿان الزام هنيو آهي تہ بلاجواز گهر مٿان چڙهائي ڪري حراسمنٽ پيدا ڪئي وئي فوتي نوجوان پوليس جي خوف ڪان ڊوڙندو رهيو ڪيس ڊوڙائي ڊوڙائي ماريو ويو آهي دانهيندڙ امڙ هانو ڦاٽي دانهون ڪندي الزام هنيو آهي تہ پوليس وڏو ظلم ڪيو آهي اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا گهر تي چڙهائي ڪري حراسا ڪيو ويو هو هنن انصاف جي گهر ڪندي چيو آهي تہ واقعي ۾ ملوث اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن پوليس جو چوڻ آهي تہ ڪا بہ چڙهائي ناهي ڪئي الزام ڪوڙو بيبنياد آهي برڪت انڙ هڪ منشيات فروش آهي چرس هيرون جو ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ سبب مٿس ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن پوليس کي گهربل آهي

بقايا سنڌيار 29

حڪمت عملي نہ جوڙي وئي آهي. ضلعي ۽ مقامي انتظاميا پاران عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي پئي سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل سستي اٽي جا اسٽال پڻ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن. ۽ ڏهرڪي شهرين ۽ ڳوٺاڻن ۾ معياري اٽي جي کوٽ جو مسئلو سنگين بحران بڻجي ويو آهي، ضلعي ۽ مقامي انتظاميا عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪا بہ حڪمت عملي جوڙي نہ آهي جنهن سبب مزدور طبقو ۽ سفيد پوش ماڻهون مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ نہ ئي سستو اٽي جي فراهمي لاءِ انتظامي پاران اسٽال لڳايا ويا آهن. جنهن ڪري ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدور طبقو مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. جڏهن تہ پورهيتن جي اڪثريت گهرن ۾ بک جي حالت ۾ آهي، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيار ڪار ڏهرڪي پنهنجي آفيسن ۾ محدود ٿي ويا آهن ۽ عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي نہ ٺاهي سگهيا آهن. دڪاندارن جي ڪرپشن سبب عوام اٽي جي بحران جو شڪار آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي تہ فوري اهم قدم کڻي اٽي جي بحران ختم ڪيو وڃي جيئن ڏهاڙي دار مزدور شڪ جو ساهہ کڻي سگهن.

بقايا سنڌيار 30

ڪرڻ لاءِ 2600 ميگاواٽ بجلي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيو آهي، هن چيو تہ ٿر ۾ 75 لک ٽن ڪوئلي جا ذخيرا موجود آهن. جنهن سان سستي بجلي پيدا ڪري 2.5 ارب ڊالرن جي بچت ٿي سگهي ٿي. هن وڌيڪ چيو تہ ٿر جي ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ محترمہ بينظير ڀٽو جو خواب هو جنهن ٿر جي ڪوئلي کي ڪارو سون سڏيو هو. هن چيو تہ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هدايت ڪئي آهي تہ ٿر جي ڪوئلي جي رائلٽي ۽ ٻيا فائدا ٿر جي مقامي ماڻهن ڏانهن منتقل ڪيا وڃن. ٿر ڪول منصوبي ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪمپنين جي مالڪن کي پابند ڪيو ويو آهي، ٿر جي سمورن ڳوٺن ۾ بجلي جي فراهمي لاءِ گرڊ اسٽيشنز قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ سنڌ حڪومت کي اها سفارش ڪئي ويندي تہ ٿرجي عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ جي لبرل پاليسي تحت چڪي مل مالڪن کي ڪٽڪ فراهم ڪئي وڃي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ ٿرجي بند پيل آر او پلانٽس کي بہ فعال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. مملڪتي وزير ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي چيو آهي تہ ٿرجي عوام کي صحت، تعليم ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. ان موقعي تي ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي، اڳوٽي ضلعي ڪائونسل چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو، وزيراعليٰ سنڌ جو خاص معاون ويرجي ڪولهي، پونجو مل ڀيل، دوست علي راهمون، پ پ اڳواڻ سشيل ملاڻي، سيڪريٽري انرجي ابوبڪر مدني، ايڊيشنل سيڪريٽري انرجي اسدالله پٽو، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ڊاڪٽر حفيظ احمد سيال، ايس ايس پي ٿرپارڪر عابد علي بلوچ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون ٿرپارڪر ميڊم سارہ جاويد، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر گريش ڪمار ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 31

آئي جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جي ترجيح آهي تہ امن امان جي صورتحال بهتر ٿئي ان ۾ انهن اسان جي ڀرپور مدد ڪئي آهي ۽ وسيلا فراهم ڪيا آهن ان لاءِ اسان بهترين ٽيم جوڙي ۽ مون ذاتي طور نگراني ڪئي، هن چيو تہ امن امان جي صورتحال تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ سرگرم ڏوهارين خلاف ٽارگيٽڊ ڪاروائي ڪرڻ آهي ان کان علاوه پوري فورس کي متحرڪ ڪرڻ سان مسئلا حل ٿيندا. هن چيو تہ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڏوهاري وارداتن ۾ ملوث 30 گروهہ هئا جيڪي ڪافي سالن کان وٺي سرگرم هئا پوليس انهن کي سوگهو ڪري ٻن اهڙن ڏوهارين کي مقابلن ۾ ماري ڇڏيو، 25 ڏوهارين کي مقابلن ۾ زخمي ڪيو ويو ۽ ضلعي مختلف ڏوهن ۾ ملوث ڪيترن ئي روپوش ڏوهارين کي بہ گرفتار ڪيو آهي. هن چيو تہ رتوديرو ۾ پيش آيل واقعن بابت ٽيمون جوڙي ڇڏيون آهن جيڪي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ پوليس ڪيترن ئي ڪيسن کي ٽريس بہ ڪيو آهي ان کان علاوه برآمدگي ۾ 100 سيڪڙو نہ پر ڪافي شيون برآمد ڪري اصل مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن. هن چيو تہ منهنجي پوليس سروس ۾ لاڙڪاڻي ۾ پهرين پوسٽنگ ٿي ۽ منهنجي ڪوشش هوندي آهي تہ ميڊيا نشاندهي ڪري اسين ان تحت ڪارروائي ڪيون ۽ ميڊيا توڙي سوشل ميڊيا تي اهڙن شين کي شايع ڪيو ويوان سان عوام ۾ تحفظ جو احساس بہ ٿيو آهي. هن چيو تہ شروعات ۾ ملڪيت ۽ ڦرلٽ تي اسان جو ڌيان هو جنهن تي ڪافي حد تائين ڪنٽرول ٿي ويو آهي هاڻي منشيات فروشن خلاف زيرو ٽالرنس تحت ڪاروائيون ڪيون وينديون ان لاءِ آئي جي سنڌ جون خاص هدايتون بہ آهن ۽ هن وقت بہ منشيات فروشن خلاف ڪاروائيون جاري آهن، پوليس علي گوهر آباد ٿاڻي جي حد ۾ عورتون گهر اندر منشيات وڪرو ڪري رهيون هيون جتي ڪجهہ گرفتاريون بہ ڪيون ويون، ڪوشش آهي تہ ننڍن منشيات فروشن سان گڏ مين ڊيلرن خلاف ڪاروائيون ڪيون ان لاءِ 4 مين ڊيلرن خلاف ڪاروائي ڪئي وئي ۽ ٻين جي بہ نشاندهي ٿي آهي انهن خلاف بہ ڪاروائي ڪئي ويندي، منشيات فروشن کي سزا ڏيارڻ جو ريشو گهٽ آهي ان ۾ پوليس جاچ ۽ پراسيڪيوشن جا مسئلا آهن جنهن ڪري اهڙا منشيات فروش جيل وڃي بعد ۾ ٻاهر اچي ٻيهر اهو ڪر ڪندا آهن تنهن ڪري ضروري آهي تہ انهن کي شاهدين جي بنياد تي عدالت سزائون ڏني.

بقايا سنڌيار 32

۽ ٻوڏ سٽيلن جي بحالي لاءِ 80 ارب روپين کان وڌيڪ امداد تقسيم ڪري چڪي آهي ۽ وڌيڪ بحالي لاءِ پڻ وڌيڪ اپاءَ وٺي رهي آهي هن چيو تہ بي گهر متاثرين کي سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ جي تعاون سان گهر ۽ چوپائي مال جي مدد ڪئي ويندي جيئن اهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ان سلسلي ۾ سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ جي چيئرمن حاجي بشير احمد فاروقي صاحب سان ڳالهايو آهي جنهن يقين ڏياريو آهي تہ اسان پهرين کان وڌيڪ متاثرين جي مدد ڪنداسين گورنر سنڌ هڪ سوال جي جواب ڏيندي چيو تہ ايگزيڪيٽو جو ڪو بہ مسئلو ناهي هرڪو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ پنهنجا اختيار استعمال ڪري رهيو آهي آئون ان ۾ پل جو ڪردار نڀائي رهيو آهيان ان ڪري اهو اشو ناهي گورنر چيو تہ عوام جي ڀلائي لاءِ ٽيڪنو ڪريٽ حڪومت هجي يا جمهوري حڪومت هر حال ۾ عوام جي خدمت ٿيڻ گهرجي اسانکي 75 سال گذري ويا آهن مگر اڄ بہ عوام کي نہ گيس آهي نہ ئي وري روڊ رستا شهري علائقہ اڄ بہ ڀهرا ڙين جو منظر پيش ڪري رهيا آهن سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي بهتر آهي ۽ ان سان گڏجي صوبي جي عوام جي خدمت ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪنداسين گورنر وڌيڪ چيو تہ متاثرين جي بحالي لاءِ مون ۽ وزير اعلي سنڌ وزيراعظم کي ٻوڏ متاثرين جي تڪليفن کان آگاهہ ڪيو گورنر چيو تہ هلنڊڙ ڪمن کي وقت سر مڪمل ڪرائڻ لاءِ جيڪو منهنجو ڪردار هوندو اهو پورو ڪندس